جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاهه
جلد 16 | آچر 30آگسٽ2026ع بمطابق 16 ربيع الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 318

فيلڊ مارشل جو دفاعي صنعتي ڪمپليڪس جو دورو، مقامي سطح تي تيار هٿيارن ۽ بارودي مواد جي تجربن جو مشاهدو

چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) ۽ چيف آف آرمي اسٽاف، فيلڊ مارشل عاصم منير، واهه ڪينٽ ۾ پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري (پي او ايف) جو دورو ڪيو

جنهن دوران اداري جي "پيداواري صلاحيتن، برآمدي امڪانن ۽ ملڪ جي دفاعي صنعتي بنياد ۾ ان جي ڪردار" جو جائزو ورتو

دوري دوران سي ڊي ايف عاصم منير کي پي او ايف جي مختلف آپريشنن ۽ مقامي سطح تي مختلف قسمن جي فوجي سامان جي تياري ۽ پيداوار ذريعي قومي دفاع کي مضبوط ڪرڻ ۾ ان جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني وئي

هن مقامي طور تي ڊزائين ۽ تيار ڪيل هٿيارن ۽ گولا بارود جا تجربا ۽ آزمائشون پڻ ڏٺيون، جيڪي جدت، خود انحصاري ۽ پاڪستان جي دفاعي پيداوار جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ پي او ايف جي عزم کي ظاهر ڪن ٿيون

سي ڊي ايف عاصم منير کي ڊي آءِ پي آر اي آرڊيننس لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ڪارپوريٽائيزيشن جي عمل ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت پڻ تفصيلي جاڻ ڏني وئي

سي ڊي ايف کي مقامي سطح تي پيداوار وڌائڻ ۽ جديد بڻائڻ لاءِ جاري ڪوششن بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو، جن تحت ٻه نوان صنعتي پلانٽ لڳايا پيا وڃن، جن مان پيداوار شروع ٿيڻ جو امڪان هلندڙ سال جي آخر تائين آهي

اسلام آباد(بيورو) چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) ۽ چيف آف آرمي اسٽاف، فيلڊ مارشل عاصم منير، واهه ڪينٽ ۾ پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري (پي او ايف) جو دورو ڪيو جنهن دوران اداري جي "پيداواري صلاحيتن، برآمدي امڪانن ۽ ملڪ جي دفاعي صنعتي بنياد ۾ ان جي ڪردار" جو جائزو ورتو. آءِ ايس پي آر موجب، دوري دوران سي ڊي ايف عاصم منير کي پي او ايف جي مختلف آپريشنن ۽ مقامي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پمز سانحي جي رپورٽ وزيراعظم کي پيش، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سميت 10 آفيسرن کي عهدن تان هٽائڻ جي سفارش

انڪوائري ڪميٽي جي سربراهه اڳوڻي گهرو سيڪريٽري شاهد خان پمز سانحي جي رپورٽ رات دير سان وزيراعظم جي صلاحڪار توقير شاهه جي آفيس ۾ جمع ڪرائي

توقير شاهه رپورٽ وزيراعظم ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي ۽ ڪيس رپورٽ جي مواد ۽ سفارشن کان به آگاهه ڪيو ويو انڪوائري ڪميٽي جي ذريعن رپورٽ وزيراعظم آفيس موڪلڻ جي تصديق

رپورٽ عام ڪرڻ جو اختيار وزيراعظم کي ڏنو ويو آهي رپورٽ تي انڪوائري ڪميٽي جي سمورن ميمبرن جون صحيحون موجود آهن

ڪميٽي پمز سانحي جي سببن ۽ ذميوارن جو تعين به ڪري ڇڏيو آهي رپورٽ ۾ امدادي ٽيمن جي ريسڪيو آپريشن دوران پيش آيل مسئلن جو به ذڪر موجود آهي، پمز جو جيڪو لاڳاپيل عملو غير حاضر هو

انهن خلاف ڪارروائي جي سفارش ڪئي وئي آهي، مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ سفارشون به ڏنيون ويون آهن. رپورٽ ۾ پمز جي انتظاميا ۽ ڊاڪٽرن جا انٽرويوز پڻ شامل آهن

فائر برگيڊ ۽ ريسڪيو ٽيمن جا بيان به رپورٽ جو حصو آهن رپورٽ ۾ پمز اسپتال ۾ علاج ۽ اٽپورين سهولتن جو به ذڪر موجود آهي

اسلام آباد (بيورو) پمز سانحي جي شروعاتي جاچ رپورٽ وزيراعظم شهباز شريف کي پيش ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب، انڪوائري ڪميٽي جي سربراهه اڳوڻي گهرو سيڪريٽري شاهد خان پمز سانحي جي رپورٽ رات دير سان وزيراعظم جي صلاحڪار توقير شاهه جي آفيس ۾ جمع ڪرائي. ذريعن جو چوڻ آهي ته توقير شاهه رپورٽ وزيراعظم ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي ۽ ڪيس رپورٽ جي مواد ۽ سفارشن کان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمب1

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير پي او ايف جي دوري دوران هٿيار ڏسي رهيو آهي

آمريڪا پاران ايران خلاف نئين اقتصادي پابندين جو اعلان

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ايران خلاف نئين اقتصادي پابندين جو اعلان ڪندي گڏيل عرب امارا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

طالبان حڪومت ۾ افغان معيشت جي تباهي، عام شهري شديد معاشي بحران جو شڪار

اسلام آباد (م ڊ) طالبان حڪومت ۾ افغان معيشت جي تباهي سبب عام شهري شديد معاش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سپريم ليڊر جو صدر کي مهانگائي ۾ گهٽتائي آڻ جي هدايت

سپريم ليڊر امريڪا پاران مڙهيل جنگ دوران عوام جون ضرورتون پوريون ڪرڻ تي صدر مسعود پزشڪيان جي انتظاميا کي سراهيو

ايران نئين امريڪي اقتصادي پابندين کي رياستي دهشتگردي قرار ڏيندي سڀني ملڪن کان مطالبو

تهران (م ڊ)ايراني سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

جنگ، تيل جا اگهه ۽ سياسي مفاد، ايران جو آمريڪي حڪومت سان واڳيل عنصرن تي وڏو الزام

عالمي توانائي مارڪيٽن تي اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون يون پيون وڃن ۽ ان جو سڌو اثر عام آمريڪي واهپيدارن تي پئجي رهيو آهي: عباس عراقچي

توانائي مارڪيٽن سان "کيڏڻ" يا انهن تي اثرانداز ٿيڻ جون وڏيون ڪوششون جاري آهن

آمريڪي حڪومت سان واڳيل ڪجھ عنصر ميڊيا کي استعمال ڪندي اگهن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

تهران (م ڊ) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي الزام لڳايو آهي ته عالمي توانائي مارڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪورنگي ۾ ايم ڪيو ايم جو راڄ هو، پر روڊ ۽ پلون پيپلز پارٽي ٺاهيون آهن: مرتضيٰ وهاب

شهر ۾ هاڻي ڪو به ڪکڙ نه ٻجندو، مامو ۽ ڪکڙ ٻجڻ وارو وقت ختم ٿي ويو آهي

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪورنگي ۾ ايم ڪيو ايم جو راڄ هو، هاڻي مامون ۽ ڪکڙ ٻجڻ جو وقت ختم ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

گڏيل قومن پاران ائٽمي تجربا روڪڻ تي زور

ائٽمي تجربن تي لاڳو پابندين جي پاسداري ڪن

اچو ته ائٽمي تجربن جي خاتمي جي پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪيون

گڏيل قومون (بيورو) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش ائٽمي هٿيارن جي تجربن کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پرڏيهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿيڻ باوجود پاڪستان ۾ اضافو ٿي رهيو آهي: حافظ نعيم الرحمان

اڄ اسان جي ڌرڻن جو 14هون ڏينهن آهي، اسان جي ڌرڻن ۾ شرڪت ڪندڙ سموري ملڪ جي ترجماني ڪري رهيا آهن

ڦهريان ٽن هفتن تي ڌرڻا جاري هئا، هاڻ اهي وڌي ويا آهن، سموري ملڪ ۾ احتجاجي ڪيمپ به لڳايا پيا وڃن

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته عالمي منڊي ۾ پيٽروليم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

بلاول جو ويزن عوام جي خدمت آهي، ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهيون: ناصر حسين شاهه

ڪورنگي لانڍي فلائي اوور جو افتتاح، صنعتي علائقن لاءِ 4 ارب رپين جي ترقياتي پيڪيج جو اعلان

ٽرئفڪ جي وهڪري کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي ٽرانسپورٽ جي مسئلن کان نجات حاصل ڪرڻ جون اميدون پيدا ٿيون آهن: ناصر شاهه

ڪراچي (رپورٽر)صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه ۽ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ڪورنگي لانڍي فلائي اوور جو افتتاح ڪندي

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

آءِ ورڪ فار سنڌ نوجوانن لاءِ هڪ مڪمل ڊجيٽل ڪيريئر ايڪو سسٽم بڻجي چڪو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

جتي نوجوانن کي روزگار جا موقعا، جديد ڪورس ۽ مختلف سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ته جيئن انهن جي صلاحيتن کي عالمي مارڪيٽ سان هم آهنگ ڪري سگهجي

پليٽ فارم تي فعال نوڪري جا موقعا 16,200 کان وڌي 19,973 تي ويا آهن، رجسٽرڊ اميدوارن جو تعداد 121,000 تائين پهچي ويو آهي

ساڳئي طرح، پوسٽ ڪيل نوڪرين جو تعداد 23,400 کان وڌي 26,890 تي ويو آهي، جيڪو پليٽ فارم جي مسلسل واڌ ۽ نوجوانن جي وڌندڙ دلچسپي جو واضح ثبوت آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته آءِ ورڪ فار سنڌ سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ مڪمل ڊجيٽل ڪيريئر ايڪو سسٽم بڻجي چڪو آهي، جتي نوجوانن کي روزگار جا موقعا، جديد ڪورس ۽ مختلف سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ته جيئن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

نيپال ٻوڏ، 2426 لاپتا، فوتين جو انگ 626 تي ويو، 229 لاش ناقابل سڃاڻپ

نيپال ۾ ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ ۾ فوتين جو انگ 626 تي ويو آهي ۽ لاپتا ماڻهن جو انگ 2426 تي ويو

هي انگ نيپال پوليس پاران ٿوري دير اڳ ٻڌايل 616 فوتگين جي انگ کان وڌيڪ آهي

گڏريل اربع تي آيل تباهي جي اڄ چوٿين ڏينهن به ريسڪيو جو ڪم جاري آهي. گم ٿيل ماڻهن جي انگ ۾ پڻ نمايان اضافو ٿيو

کٽمنڊو(م ڊ)نيپال جي نيشنل ڊزاسٽر رسڪ ريڊڪشن اينڊ مينيجمينٽ اٿارٽي کان چنچر تي مليل تازي ڄاڻ موجب نيپال ۾ ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ ۾ فوتين جو انگ 626 تي ويو آهي ۽ لاپتا ماڻهن جو انگ 2426 تي ويو آهي، هي انگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي ڪراچي پهچڻ تي شهزادي قصائي وجيه الدين جو استقبال ڪندي

پارٽ کي اهو حق حاصل ناهي ته هو يڪطرفي آبي انتظام کي معطل قرار ڏئي: شيري رحمان

پارٽ آبي معاملن کي سياسي دٻاءَ لاءِ استعمال ڪري علائقي جي گڏيل اعتماد کي نقصان پهچايو آهي

نئين دهلي کي اهو حق حاصل ناهي ته هو پنهنجي مرضي سان ڏاڪن تي ٻڌل ٻطرفي آبي انتظام کي معطل قرار ڏئي

ڪنهن عالمي معاهدي مان نڪرڻ جو فيصلو هڪطرفي اعلان ذريعي نه، پر طئي ٿيل عالمي طريقيڪار موجب ئي ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان پارٽ تي زور ڏنو آهي ته هو سنڌ طاس معاهدي جي پابندي کي يقيني بڻائي. پارٽ آبي معاملن کي سياسي دٻاءَ لاءِ استعمال ڪري علائقي جي گڏيل اعتماد کي نقصان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سموري ملڪ ۾ اٽي جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو

ڪراچي جا شهري سيني کان وڌيڪ مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور

ڪراچي ۾ 20 ڪلو اٽي جي قيمت 200 روپين جو اضافو ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) سموري ملڪ ۾ اٽي جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافي جو نه رڪجندڙ سلسلو جاري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي جا شهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

وفاق جي انتظام هيٺ سمورين سرڪاري اسپتالن ۾ فائر سيفٽي آڊٽ فوري شروع ڪرڻ جو حڪم

صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال جي هدايت تي صحت واري وزارت نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

جنهن ۾ سمورين اسپتالن جو جامع فائر سيفٽي آڊٽ مجاز ۽ ماهر سيفٽي ڪمپني ذريعي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسپتالن ۾ فائر الارم، فائر فائٽنگ اوزار، ايمرجنسي ايگزٽ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي رستن جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو

اسلام آباد (بيورو) صحت واري وزارت وفاق جي انتظام هيٺ سمورين سرڪاري اسپتالن ۾ فوري طور تي فائر سيفٽي آڊٽ شروع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال جي هدايت تي صحت واري وزارت نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ سمورين اسپتالن جو جامع فائر سيفٽي آڊٽ مجاز ۽ ماهر سيفٽي ڪمپني ذريعي ڪرائڻ جي هدا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

پيٽروليم شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ توانائي تحفظ کي هٿي ڏيڻ لاءِ حڪومت ۽ ڪاروباري برادري ۾ صلاح مشورو

او آءِ سي سي آءِ جي دوري دوران وفاقي وزير چيمبر جي سينئر قيادت، صنعت سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن جي نمائندن سان ملاقات

اجلاس ۾ ميڊيا جي نمائندن به شرڪت ڪئي ۽ پيٽروليم شعبي ۾ جاري اڳڀرائي، سڌارن ۽ سيڙپڪاري جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون

تيل ۽ گيس جي ڳولها، ريفائنري جي بنيادي ڍانچي جي جديدڪاري ۽ پيٽروليم شعبي ۾ سڌارن لاءِ کنيل قدمن کان آگاهه ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم بابت وفاقي وزير علي پرويز ملڪ اوورسيز انويسٽرز چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (او آءِ سي سي آءِ) ۽ پاڪستان اسٽيٽ آئل (پي ايس او) جي قيادت سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون جن ۾ ملڪ جي توانائ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

نون صوبن بابت بحث نه ٿيڻ گهرجي: اياز لطيف پليجو

اياز لطيف پليجو نون صوبن بابت بحث واري رٽ واپس وٺي واضح نهراءُ منظور ڪرائڻ جو مطالبو

سنڌ کي ٽڪ سان نه لڳايو وڃي، سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث نه ٿيڻ گهرجي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو نون صوبن بابت بحث واري رٽ واپس وٺي واضح نهراءُ منظور ڪرائڻ جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

گهرو معاملن بابت وفاقي وزير پاران جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو دورو

هن موقعي تي ئي لاڳاپيل اختيارين سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ اميگريشن سسٽم جي خرابي فوري ختم ڪرڻ جي هدايت

سسٽم ڊائون ٿيڻ جي صورت ۾ متبادل انتظامن جو بندوبست رکيو وڃي. هن هدايت ڪئي ته اميگريشن پراسيس ڪنهن به صورت رڪجڻ نه گهرجي

گهرو وزير جعلي دستاويزن تي سفر ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن جا حڪم

نامڪمل ۽ بنا تصديق ٿيل دستاويز رکندڙ مسافرن کي ڪنهن به صورت سفر جي اجازت ناهي

ڪراچي (رپورٽر) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي دوري دوران ڪائونٽرز تي اميگريشن پراسيس جو جائزو ورتو. گهرو وزير پرڏيهه ويندڙ مسافرن سان مليو ۽ اميگريشن پراسيس بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ايم ڪيو ايم ڪافي وقت کان سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي: پيپلز پارٽي

وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي سينيٽر پلوشه خان، قومي اسيمبلي ميمبر سحر ڪامران ۽ سيد سبط الحيدر بخاري پريس ڪانفرنس

آئي ٽي بل جي حوالي سان عوام جي لاءِ خوشخبري آهي ته حڪومت اهو بل واپس وٺي ڇڏيو آهي

سنڌ جي ورهاست واري معاملي تي ڳالهيون انهي حوالي سان ڳالهيون ڪندڙن کي روڪي نٿو سگهجي

ايوان ۾ قرارداد پيش ٿي آهي جيڪا اڪثريت سان منظور ٿيندي، سنڌ جي عوام به صوبي جي ورهاست کي رد ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن چيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڪافي وقت کان سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي سينيٽر پلوشه خان، قومي اسيمبلي ميمبر سحر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

پي ڊي ايم اي پنجاب ۾ تيز برسات جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو، لاهور سميت 5 شهرن ۾ ٻوڏ جو امڪان

راولپنڊي، مري، گليات، جهلم، چڪوال، تله گنگ، اٽڪ، سيالڪوٽ، شيخوپوره، نارووال ۽ گجرات ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي

اوڪاڙه، ننڪانه صاحب، سرگودها، خوشاب، ميانوالي ۽ نور پور ٿهل ۾ به تيز برسات جو امڪان آهي

لاهور (م ڊ) پي ڊي ايم اي سموري پنجاب ۾ ساتوڻي برسات جي اٺين اسپيل جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. اٿارٽي موجب اڄ کان 5 سيپٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

اي اين ايف جون منشيات اسمگلنگ خلاف ڪارروايون، 75.57 ڪلوگرام منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

جده ويندڙ مسافر جي پيٽ مان 126 گرام وزني 17 ڪوڪين سان ڀريل ڪيپسول هٿ ڪيا ويا

جناح ايئرپورٽ تي بحرين ويندڙ مسافر جي بيگ مان 627 گرام هيروئن هٿ

اسلام آباد (بيورو) اينٽي نارڪوٽڪس فورس ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي هڪ ڪروڙ 20 لک روپين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي : گهرو معاملن بابت وفاقي وزير پاران جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو دورو ڪندي

ايس آءِ ايف سي جي سهولتڪاري سان پنڪ سالٽ جي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار جي موقعن ۾ اضافو

اسلام آباد (بيورو) خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل جي سهولتڪاري سان پن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران پاسپورٽ آفيس، عوامي مرڪز جو دورو

اسلام آباد/ ڪراچي (بيورو) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي پاسپورٽ آفيس، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

هيٽي گينگ قتل عام تي پاڪستان پاران سلامتي ڪائونسل کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو

هيٽي جي صورتحال ۾ بدقسمتي سان بهتري ناهي : پاڪستان

عوام کي درپيش ڊگهي عرصي کان جاري واقعا سيڪيورٽي صورتحال جي سنگينيءَ جو واضح ثبوت آهن

گڏيل قومون (بيورو) پاڪستان هيٽي ۾ گينگ تشدد جي تازي واقعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 47 ماڻهن جي مارجڻ کان پوءِ گڏيل قومن جي سل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي جي سينيٽر پلوشه خان، قومي اسيمبلي ميمبر سحر ڪامران ۽ سيد سبط الحيدر بخاري پريس ڪانفرنس ڪندي

مس آمريڪا مقابلو 31 سالن جي شادي شده عورت کٽي ورتو

ڪراچي(رپورٽر) آمريڪا نومبر ۾ ٿيندڙ مس يونيورس حسن جي مقابلي لاءِ پنهنجي نمائند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

'چيٽ جي پي ٽي' جو 'ڪرسر' کي اي آءِ ماڊل ڏيڻ کان انڪار

ڪراچي(رپورٽر) اوپن اي آءِ چيو آهي ته اها ڪرسر (Cursor) کي اي آءِ ماڊلز فراهم ڪرڻ بند ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. ڪرسر اها ڪوڊنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

لارڊز ٽيسٽ ۾ پاڪستان جي مايوس ڪندڙ ڪارڪردگي تي فواد چوڌري جو پي سي بي کي دلچسپ مشورو

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ کي مشورو ڏنو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ائٽمي تجربن جي خلاف عالمي ڏينهن ملهايو ويو

ائٽمي تجربن جي پابندي جي جامع معاهدي (سي ٽي بي ٽي) بابت حمايت جي حوصلا افزائي به آهي

چاڪاڻ ته سوويت يونين ان ڌرتي تي سڀ کان پهرين ايٽمي تجربو ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو) گڏيل قومن جي انتظام هيٺ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ائٽمي تجربن خلاف عالمي ڏينهن چنچر تي ملهايو ويو. ان ڏينهـ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

پارٽ جو ڪو به هڪ طرفو قدم سنڌ طاس معاهدي کي تبديل نٿو ڪري سگهي: رضوان سعيد شيخ

نه ئي ان تحت پيدا ٿيندڙ حقن ۽ ذميوارين کي ختم ڪري سگهي ٿو، معاهدو هاڻي به عمل جوڳو آهي

دنيا جي سڀ کان اهم دريائي نظامن مان هڪ جي انتظام لاءِ اصولن تي ٻڌل فريم ورڪ فراهم ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو) آمريڪا ۾ مقرر پاڪستان جي سفير رضوان سعيد شيخ چيو آهي. ته پارٽ جو اپريل 2025ع وارو هڪ طرفو اعلان سنڌ طا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پمز سانحو: شوبز جي فنڪارن طرفان ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو

لاهور (م ڊ) پاڪستان ۾ پي آئي ايم ايس (پمز) ۾ 14 معصوم ٻارن جي فوتگي ۽ عورتن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪندي

موسمياتي تبديلي پاڪستان لاءِ وڏو چيلينج، اثرائتي ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

ملڪ کي ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي، مربوط ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي

پاڪستان موسمياتي تبديلي جي ناڪاري اثرن سبب سخت متاثر ٿي رهيو آهي ۽ انهن اثرن کي منهن ڏيندڙ ملڪن ۾ نمايان آهي

ان چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل سهڪار سان ڪم ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته موسمياتي تبديلي پاڪستان لاءِ هڪ وڏو چيلينج بڻجي چڪي آهي. ملڪ کي ٻوڏ ۽ ٻين قدرتي آفتن جي خطرن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي پوليس جي 3 مختلف ڪيسن ۾ اهم ڪارروايون، جوابدار گرفتار

جوابدار 24 آگسٽ تي نارٿ ناظم آباد جي عرفات ٽائون ۾ هڪ عورت سان نازيبا حرڪت ڪئي هئي

منگهوپير ۾ هڪ ماربل فيڪٽري اندر شهري تي تشدد ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث ڇهن جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

منگهوپير ۾ هڪ ماربل فيڪٽري اندر شهري تي تشدد ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث ڇهن جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽر) راهه ويندڙ عورتن سان نازيبا حرڪتون ڪندڙ جوابدار کي ٽيموريا ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. جوابدار 24 آگسٽ تي نارٿ ناظم آباد جي عرفات ٽائون ۾ هڪ عورت سان نازيبا حرڪت ڪئي هئي. هئي پاسي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

آچر 30 آگسٽ 2026 ع بمطابق 16 ربيع الاول 1448هه

سيني اسپتالن لاءِ فائر سيفٽي جو ضرورت

پمز سانحو رڳو هڪ اسپتال ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعو نہ هو، پر ان واقعي اسان جي سموري انتظامي نظام، خاص طور تي اسپتالن ۽ سرڪاري ادارن ۾ فائر سيفٽي جي انتظامن بابت ڪيترائي اهم سوال اڀاري ڇڏيا آهن. اهڙا واقعا جڏهن انساني جانين جي نقصان جو سبب بڻجن ٿا تہ انهن کي صرف هڪ حادثو قرار ڏئي اڳتي وڌي وڃڻ بدران انهن جي بنيادي سببن جو جائزو وٺڻ ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري ٿي وڃي ٿو. پمز سانحي کان پوءِ سڀ کان وڏي تقاضا اها آهي تہ ملڪ جي سمورن اسپتالن، سرڪاري ادارن، آفيسن ۽ انهن عمارتن جو فائر سيفٽي آڊٽ ڪرايو وڃي جتي روزانو سوين ۽ هزارين ماڻهو اچن ٿا.

رپورٽون آهن تہ صوبائي حڪومتن طرفان اسپتالن جي انتظاميا کي فائر سيفٽي جي حوالي سان ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون آهن. جيڪڏهن واقعي اهڙيون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ اها هڪ مثبت اڳڀرائي آهي، پر اصل امتحان انهن هدايتن تي عمل ڪرائڻ جو آهي. اسان وٽ حڪمن ۽ هدايتن جي ڪوٽ ڪڏهن بہ نہ رهي آهي؛ مسئلو انهن حڪمن جي عملي نفاذ، نگراني ۽ احتساب جو آهي. جيڪڏهن اسپتالن کي فائر سيفٽي انتظام مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ ان سان گڏ هر اسپتال کان باقاعده ڪليئرنس رپورٽ وٺڻ، ان جي تصديق ڪرڻ ۽ غير محفوظ عمارتن خلاف فوري قدم کڻڻ پڻ ضروري آهي.

اسپتالون اهڙيون جڳهيون آهن جتي فائر سيفٽي جي اهميت ٻين عمارتن کان بہ وڌيڪ آهي. اسپتال ۾ معذور، بزرگ، عورتون ٻار ۽ اهڙا مريض پڻ موجود هوندا آهن جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي قابل نہ هوندا آهن. ڪيترائي مريض بستري تائين محدود هوندا آهن. ڪجهه آڪسيجن تي هوندا آهن ۽ ڪجهه کي طبي سامان کان الڳ ڪرڻ بہ ڏکيو هوندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن باهه لڳي وڃي تہ انهن ماڻهن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪرڻ هڪ انتهائي پيچيده ڪم بڻجي سگهي ٿو. تنهن ڪري اسپتالن ۾ فائر سيفٽي کي معمولي انتظامي معاملو سمجهڻ وڏي غفلت هوندي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي تہ هر اسپتال جي عمارت جو مڪمل فائر سيفٽي آڊٽ ڪرايو وڃي. ان آڊٽ ۾ صرف فائر ايڪسٽنگوشر موجود هجڻ کي ڪافي نہ سمجهيو وڃي، پر اهو بہ ڏٺو وڃي تہ اهي ڪم ڪندڙ حالت ۾ آهن يا نہ، انهن جي مقرر وقت تي سروسنگ ٿي رهي آهي يا نہ، ايمرجنسي ايگزٽ موجود آهن يا نہ، انهن رستن تي ڪنهن قسم جي رڪاوٽ تہ ناهي، فائر الارم ۽ اسموڪ ڊيٽيڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن يا نہ، ايمرجنسي لائٽنگ موجود آهي يا نہ ۽ باهه لڳڻ جي صورت ۾ عمارت مان ماڻهن جي محفوظ ۽ تيز نيڪالي لاءِ مناسب انتظام موجود آهن يا نہ.

ان سان گڏ اسپتال جي عملي کي فائر ايمرجنسي بابت باقاعده تربيت ڏيڻ پڻ لازمي هجڻ گهرجي. صرف اوزار لڳائڻ سان فائر سيفٽي مڪمل نٿي ٿئي. عملي کي خبر هجڻ گهرجي تہ باهه لڳڻ جي صورت ۾ ڪهڙي رستي سان مريضن کي منتقل ڪرڻو آهي، ڪهڙي شخص جي ذميواري ڇا هوندي، فائر الارم ڪيئن فعال ڪرڻو آهي ۽ فائر فائٽنگ جي ادارن سان رابطو ڪيئن قائم ڪرڻو آهي. ان مقصد لاءِ وقت بوقت عملي مشقون يا ڊرلز ڪرائڻ گهرجن تہ جيئن هنگامي صورتحال ۾ خوف ۽ افراتفري بدران منظم طريقي سان ماڻهن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪري سگهجي.

فائر سيفٽي جو معاملو صرف اسپتالن تائين محدود نہ هجڻ گهرجي. سرڪاري آفيسون، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، عدالتون، جيل، شاپنگ سينٽر، صنعتي ادارا ۽ اهي سمورا عوامي هنڌ جتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿين ٿا، انهن سيني جو فائر سيفٽي آڊٽ ٿيڻ گهرجي. اسان وٽ ڪيترين ئي عمارتن ۾ هزارين ماڻهو روزانو ڪم ڪن ٿا، پر جيڪڏهن اوچتو باهه لڳي وڃي تہ ماڻهن جي نڪرڻ لاءِ مناسب رستا، ايمرجنسي دروازا ۽ ٻيا بنيادي انتظام موجود آهن يا نہ، ان جو نئين سري سان جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. مطلب تہ حڪومتن کي هاڻي هڪ جامع فائر سيفٽي پاليسي جوڙڻ گهرجي، جنهن تحت سرڪاري ۽ نجي ادارن جي عمارتن لاءِ واضح معيار مقرر ڪيا وڃن. هر اداري کي مقرر مدت اندر فائر سيفٽي جي گهرجن تي عمل ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي ۽ ان کان پوءِ لاڳاپيل ماهر اداري طرفان ان جي تصديق ڪئي وڃي. صرف انتظاميا جي زباني دعويٰ يا ڪاغذي رپورٽ کي ڪليئرنس نہ سمجهيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ فائر سيفٽي جو مقصد فائل مڪمل ڪرڻ نہ، پر انساني جانين کي محفوظ بڻائڻ آهي.

ڪليئرنس رپورٽ جو نظام بہ شفاف هجڻ گهرجي. هر اسپتال يا اداري کان رپورٽ وٺڻ کان پوءِ ان جي اوچتو يا باقاعده بنياد تي ٻيهر چڪاس ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن عمارت کي ڪليئر قرار ڏنو ويو هجي پر عملي معائني دوران ان ۾ سنگين خاميون سامهون اچن تہ لاڳاپيل ذميوارن کان بہ پڇاڻو ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن فائر سيفٽي سرٽيفڪيٽ صرف ڪاغذن تائين محدود رهيو تہ اهڙو نظام ڪنهن بہ سانحي کي روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو.

فائر سيفٽي جي حوالي سان هڪ ٻيو اهم مسئلو عمارتن جي ڊزائن ۽ ايمرجنسي رستن جو آهي. ڪيترين ئي عمارتن ۾ بعد ۾ ڪيل غير ضروري اڏاوتن، سامان رکڻ يا ٻين سببن ڪري ايمرجنسي رستا متاثر ٿيندا آهن. اهڙين رڪاوٽن کي فوري طور ختم ڪرڻ گهرجي. ايمرجنسي ايگزٽ جا دروازا بند، تالا لڳل يا سامان سان ڍڪيل هجڻ نہ گهرجن. جيڪڏهن ڪنهن عمارت ۾ هزارين ماڻهو موجود هجن تہ باهه لڳڻ جي صورت ۾ هر سيڪنڊ اهميت رکي ٿو. اسپتالن ۾ خاص طور تي آءِ سي يو، آپريشن ٿيٽر، ايمرجنسي، ٻارن جي وارڊن ۽ انهن شعبن تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي جتي مريضن کي فوري طور منتقل ڪرڻ آسان نہ هجي. انهن شعبن لاءِ الڳ ايمرجنسي پلان تيار ٿيڻ گهرجي. اسپتال انتظاميا کي عملي سان گڏ ريسڪيو ۽ فائر سروسز کي بہ ان پلان کان واقف رکڻ گهرجي تہ جيئن هنگامي صورتحال ۾ ادارن جي وچ ۾ رابطو ۽ تعاون بهتر هجي.

پمز سانحي کان پوءِ حڪومتن وٽ هڪ اهم موقعو موجود آهي تہ هو فائر سيفٽي بابت ملڪ ۾ هڪ نئون ۽ موثر نظام قائم ڪن. جيڪڏهن هن موقعي کي صرف ڪجهه سرڪاري حڪمن ۽ اجلاس تائين محدود رکيو ويو تہ پوءِ ان سانحي مان ڪوبہ سبق حاصل نہ ٿيندو.

سياسي عدم استحڪام ۽ قانون جي حڪمراني جو فقدان

علي محمد ڏلون

فرض ڪريو تہ حالتون ٺيڪ ناهن! جڏهن توهان پنهنجي ڪنهن غلطي سبب ڪنهن مسئلي ۾ ڦاسي وڃو تہ گهبرائڻ بدران سڀ کان پهريان پنهنجي غلطي کي تسليم ڪريو ۽ پوءِ ان کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ائين ڪرڻ سان يقيناً اڌ مسئلو تہ ان ئي وقت حل ٿي ويندو. جڏهن توهان پنهنجي غلطي مڃي وٺندا، جڏهن تہ باقي اڌ مسئلو نئين حڪمت عملي جوڙي حل ڪري سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ توهان ضد ۽ هٺ تي قائم رهو ۽ غلطي مڃڻ کانسواءِ مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ اهو ڪڏهن بہ حل نہ ٿيندو، بلڪ وڌيڪ خراب ٿي ويندو.

موجوده حڪومتي سيٽ اپ جي صورتحال بہ ڪجهه اهڙي ئي آهي. هي وقت سياسي، معاشي ۽ اخلاقي بحرانن ۾ بُري طرح ڦاسي چڪو آهي، پر اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو غلطي تسليم ڪرڻ کانسواءِ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪڏهن سڄي ملڪ مان فورسز گهرائي ڪشمير ۾ "پُرامن" چونڊون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تہ ڪڏهن گلگت بلتستان تي پنهنجو دٻدٻو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪاميءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪڏهن بلوچستان ۾ لٺ جي زور تي امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ ڪڏهن خيبرپختونخوا جي ماڻهن کي دٻاءُ ۽ ڌمڪين ذريعي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ڪڏهن ملڪ جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت جي اڳواڻن تي ظلم جا جبل ڪيرائي انهن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تہ ڪڏهن راولپنڊي ۾ فوج گهرائي ماڻهن کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. احتجاج کي طاقت ۽ زبردستيءَ سان روڪي عوام کي اهو پيغام ڏنو وڃي ٿو تہ هتي نہ "ڪروڙ پارٽي" هلندي ۽ نہ ئي "جن زي" جي.

ايتري تائين جو معاشي ظلم ۽ بربريت جا اهڙا تہ داستان رقم ڪيا پيا وڃن، جن جي مثال تاريخ ۾ شايد ئي ملي. اهي ماڻهو ڪرائي جي معاشي ماهرن ذريعي عوام تي ظلم ڪري رهيا آهن. پري وڃڻ جي ضرورت ناهي، رڳو پيٽروليم ليوي کي ئي ڏسي وٺو. ناڻي واري وزارت جي مالي سال 2025_26 ع جي هڪ رپورٽ موجب حڪومت پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي (PDL) جي مد ۾ عوام کان 1567 ارب رپين جي رڪارڊ وصولي ڪئي آهي، جيڪا آءِ ايم ايف جي مقرر ڪيل هدف کان 100 ارب رپيا وڌيڪ آهي. ان کان علاوه ڪلائميٽ سپورٽ ليوي جي مد ۾ بہ حڪومت عوام کان وڌيڪ 50 ارب رپيا وصول ڪيا آهن. موجوده ٽيڪس ڍانچي تحت پيٽرول تي 80 رپيا في ليٽر ۽ ڊيزل تي 77 رپيا في ليٽر جي حساب سان پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي لاڳو آهي، جڏهن تہ ڪلائميٽ سپورٽ ليوي جي مد ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل پنهي تي 5.5 رپيا في ليٽر وصول ڪيا پيا وڃن. ان کان علاوه 29 رپيا ڪسٽم ڊيوٽي شامل ڪرڻ سان پيٽرول تي في ليٽر مجموعي حڪومتي ٽيڪس 114 رپيا بڻجي ٿو. جيڪڏهن پيٽرول جي قيمت 326 رپيا في ليٽر آهي تہ ان ۾ حڪومتي ٽيڪسن جو حصو 35 سيڪڙو بڻجي ٿو، جيڪو عوام لاءِ ناقابل برداشت بار آهي. سياسي جماعتن جي احتجاج ڪانپوءِ تازو حڪومت ڊيزل تي پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي ۾ 32.63 رپيا گهٽتائي ڪئي آهي، پر ساڳئي وقت ان کي ٻيهر وڌائڻ جو عمل بہ شروع ڪري ڇڏيو آهي. مختصر طور ملڪ هن وقت غير يقيني صورتحال مان گذري رهيو آهي. ان ئي سبب سان ڏينهن بہ ڏينهن ملڪ بدامنيءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي. هر روز ڪا نہ ڪا نئين ڳالهه ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، ڪٿي ڪو حملو ڪري ٿو تہ ڪٿي ڪو ٻيو واقعو پيش اچي ٿو. ائين لڳي ٿو ڄڻ اسان ۽ اسان جون ايندڙ نسلون بہ انهن ئي واقعن سان جيئڻ ۽ مرڻ تي مجبور هونديون. سياسي پارٽين وچ ۾ هڪ ٻئي خلاف الزام تراشي ۽ محاذ آرائي بہ ختم ٿيڻ جو نالو نٿي وٺي. ڪڏهن ڪو اچي چوي ٿو تہ موجوده نظام مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي، تہ ڪو چوي ٿو تہ نوان صوبا ٺهندا ۽ اهو ئي موجوده سيٽ اپ انهن جي منظوري ڏيندو. ڪڏهن اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ عمران خان کي نون صوبن جي قيام لاءِ ٻاهر آندو پيو وڃي. مطلب تہ جيڪي نمائندا عوام طرفان چونڊجي ايوانن تائين پهتا آهن، انهن کي عوام جي ڪا پرواهہ ئي ناهي. اسٽيبلشمينٽ کي بہ ذاتي پسند ۽ ناپسند کي هڪ طرف رکي فيصلا ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن فيلڊ مارشل اهو مناسب سمجهن ٿا تہ يقيناً کين پاڻ انهن معاملن کي سنڀالڻ گهرجي، جيئن ملڪ ۾ پرامن ماحول قائم ٿي سگهي ۽ نفرتون ۽ ڪدورتون ختم ٿين. اپوزيشن جماعتن جي ڪمزورين ۽ بيوسيءَ جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ صوبن ۾ غير يقيني صورتحال موجود آهي ۽ حڪومت ان تي ضابطو حڪومتي بندوبست مڪمل طور محفوظ آهي. هن بندوبست لاءِ سڀ کان وڏو خطرو ان جا پنهنجا معاشي منتظم آهن، جيڪي نہ پارليامينٽ آڏو جوابده آهن ۽ نہ ئي وزيراعظم آڏو. حقيقت ۾ اهي عالمي معاشي ادارن جي هدايتن تي پاليسيون ٺاهين ٿا. عوام تي مسلسل مهانگائي جا جبل ڪيرايا پيا وڃن، پر سوال اهو آهي تہ عوام آخر ڪيتري وقت تائين صبر ڪندا؟ وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي تہ "قابل حڪمران" شايد اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ غير ملڪي سيڙپڪار پوئتي هٽي رهيا آهن ۽ ايتري تائين جو هتي موجود مستحڪم غير ملڪي ڪاروبار بہ آهستي آهستي مارڪيٽ ڇڏي رهيا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪري رهيو آهي تہ سيڙپڪاري جي شرح ۾ وڌيڪ گهٽتائي اچي رهي آهي، جنهن جا ترقي، روزگار ۽ ڊگهي مدي واري معاشي استحڪام تي سنگين اثر پئجي رهيا آهن. ان جا اهم سبب سياسي عدم استحڪام، ادارن جي تباهي ۽ قانون جي حڪمراني جو فقدان آهن. ان کان علاوه حڪومت جي سمورن دعوائن جي ابتڙ حقيقت اها آهي تہ تازو آءِ ايم ايف پاڪستان تي 11 نيون سخت شرطون لاڳو ڪيون آهن، جنهن ڪانپوءِ انهن شرطن جو مجموعي انگ 64 ٿي ويو آهي. ايف بي آر جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ سخت سڌارن وارو روڊ ميپ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. صوبائي آفيسرن جي اثاثن تائين بئنڪن کي مڪمل رسائي ڏيڻ، مقامي ڪرنسي بانڊ مارڪيٽ ۾ موجود رڪاوٽن بابت جامع مطالعو ڪرڻ ۽ ڪرپشن جي وڌيڪ خطري وارن 10 ڪاتن لاءِ ايڪشن پلان جاري ڪرڻ جون شرطون بہ شامل آهن. ان ۾ پرڏيهہ مان موڪليل رقم جي منتقليءَ جي خرچن ۽ رڪاوٽن جو تفصيلي جائزو وٺڻ پڻ شامل آهي. حڪومت وٽ ڪو واضح معاشي ترقيءَ وارو منصوبو موجود ناهي ۽ جيڪي منصوبا آهن، اهي 25 ڪروڙ آبادي واري ملڪ کي گڏ کڻي هلڻ جي صلاحيت نٿا رکن. تازو جاري ڪيل هڪ اپسوس سروي موجب تقريباً 70 سيڪڙو ماڻهن محسوس ڪيو تہ ملڪ غلط رخ ڏانهن وڃي رهيو آهي. سروي مان اهو بہ ظاهر ٿيو تہ مختصر مدي واري معاشي استحڪام بابت حڪومتي دعوائن باوجود 82 سيڪڙو جواب ڏيندڙن کي ملڪ جي معيشت تي اعتماد ناهي. ان وقت اسان جي ٻن آٽڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي. جڏهن بہ ڪو واقعو ٿئي ٿو تہ چيو وڃي ٿو تہ جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. اسان ڪنٽرول ڪنداسين ۽ بدامني جي اجازت نہ ڏينداسين. پر اهي ڳالهيون هاڻي پراڻيون ٿي چڪيون آهن. بدامنيءَ جي واقعن ڪانپوءِ حڪومت چوي ٿي تہ سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي. واقعن کي روڪڻ لاءِ سيڪيورٽي سخت ڪرڻ گهرجي، پر سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جي ان ئي عمل ڪانپوءِ صنعتن جي زوال، ڪارخانن جي مسلسل بندش ۽ معاشي عدم استحڪام جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو. انهن سمورن مسئلن کي درست ڪرڻ لاءِ وسيع سڌارن جي ضرورت آهي، جن ۾ ٽيڪس بيس کي وسيع ڪرڻ ۽ ٽيڪس نظام کي وڌيڪ منصفاڻو بڻائڻ، توانائيءَ جا مهانگا خرچ گهٽائڻ لاءِ پاور سيڪٽر ۾ مڪمل سڌارا آڻڻ ۽ حڪمراني توڙي سياسي استحڪام جي وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ شامل آهن. اهي قدم ڪنهن هڪ سيڙپڪاري سهولتڪار جي اختيار کان گهڻو اڳتي آهن. جيستائين حڪمرانن ۾ اهي وسيع سڌارا لاڳو ڪرڻ لاءِ سياسي ارادو ۽ صلاحيت پيدا نہ ٿيندي، تيستائين سيڙپڪاري کي ٻيهر متحرڪ ڪرڻ جي اميد رڳو خواب ئي رهندي. حڪومت جو خيال آهي تہ پاڪستان معاشي بحران مان نڪري چڪو آهي. خوش گمانيءَ خاطر حڪومت جي هن دعويٰ کي مڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر ان دعويٰ جو گهريلو تجزيو ضروري آهي. جيڪڏهن واقعي حقيقتون اهڙيون ئي آهن تہ پوءِ ملڪ ۾ بيروزگاري ڇو وڌي رهي آهي؟ مهانگائي ۽ ملڪي توڙي غير ملڪي قرضن جو بار گهٽ ڇو نٿو ٿئي؟ هر حڪومت معاشي سڌارن جا دعويٰ تہ ڪري ٿي، پر عوام کي رليف ڏيڻ جي ڳالهه نٿي ڪئي وڃي. اڄ بہ آءِ ايم ايف جي هدايتن تي عام ماڻهو لاءِ ڏني ويندڙ سبسڊيز ختم ڪيون ويون آهن ۽ خوشحالي رڳو اشرافيہ تائين محدود ٿي وئي آهي. ان لاءِ اهڙو سيٽ اپ جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ سادگي ۽ بچت کي اولين ترجيح حاصل هجي. ادارن ۾ شفافيت ۽ احتساب کي بہ يقيني بڻائڻو پوندو. جيستائين قانون سڀني لاءِ برابر نہ ٿيندو، تيستائين معاشي سڌارا رڳو ڪاغذي ڪارروائي بڻيل رهندا. پر اهو تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن سڄي ملڪ ۾ ميرٽ جو نظام قائم ٿيندو ۽ جڏهن عوام جون چونڊيل حڪومتون اقتدار ۾ اچي عوام آڏو جوابده ٿينديون

مير رضا قتل ڪيس ۽ پوليس جي نظام جي بدحالي

پروفيسر توصيف احمد

ڪراچيءَ جو نوجوان واپاري مير رضا 28 جولاءِ تي گم ٿي ويو. پوليس جديد ٽيڪنالاجي باوجود ڪيس ڳولي نہ سگهي، بعد ۾ گلستان جوهر جي هڪ ويران علائقي مان نوجوان جو لاش هٿ آيو پر اجا تائين پوليس قاتلن جي نشاندهي نہ ڪري سگهي آهي. ڪراچيءَ جا نوجوان شاهراهہ قائدين ۽ شاهراهہ فيصل تي احتجاج ڪندي نظر اچن ٿا. وارثن کي خدشو آهي تہ ٻين ڪيترن ئي مقتولن وانگر مير رضا جي قاتلن جو بہ ڪو پتو نہ پوندو ۽ هن ڪيس جي فائيل بہ ٻين فائلن ۾ گم ٿي ويندي. هن قتل ڪيس جو ذڪر اخبارن ۽ ٽي وي چينلن تي مسلسل ٿي رهيو آهي. سوشل ميڊيا تي مختلف گروهہ پنهنجن لڪل مقصدن لاءِ اٽڪلائيءَ ۾ مختلف مفروضن کي حقيقت جو روپ ڏئي پيش ڪري رهيا آهن. پر حقيقتن جي تجزيي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪراچي پوليس شروعاتي ڏينهن ۾ هن ڪيس کي حل ڪرڻ لاءِ سائنسي بنيادن تي ڪم نہ ڪيو. روايت موجب پوليس لاش ملڻ واري هنڌ تي دير سان پهتي. ڪرائم سين محفوظ ڪندڙ ماهرن جي ٽيم بہ دير سان پهتي. شروعات ۾ پوليس رڪارڊ ۾ اهو نامعلوم لاش هو. پوليس اهلڪار نامعلوم لاشن کي ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان ناهن وٺندا. عام طور تي نامعلوم لاش غريب ماڻهن جا هوندا آهن. انهن مان ڪجهه ٽريفڪ حادثن جو شڪار ٿيندا آهن، ڪجهه ذاتي سببن جي ڪري قتل ٿيندا آهن، جڏهن تہ ٻين جا لاش خودڪشي ڪندڙن جا هوندا آهن. شايد شروعاتي مرحلي ۾ مير رضا جو لاش ملڻ تي بہ ساڳي پاليسي اختيار ڪئي وئي. لاش جو پهريون پوسٽ مارٽم هڪ قابل ڊاڪٽر ڪيو. سول سرجن ڪيترن ئي ڏينهن تائين اها رپورٽ پنهنجي ميز تي رکي ڇڏي. ڪراچيءَ جي سول سرجن اعليٰ تعليم يافتہ فارنزڪ ماهر ۽ هڪ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پروفيسر جون ذميواريون پڻ انجام ڏئي رهي آهي. هن گذريل ڏينهن هڪ انٽرويو ۾ اعتراف ڪيو هو تہ هوءَ چئن سالن دوران هن وقت سڀ کان وڌيڪ دٻاءُ جو شڪار آهي. رپورٽ جاري ٿيڻ کان پوءِ هن ان ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪئي. جڏهن مجسٽريٽ جي حڪم تي مير رضا جي قبر ڪشائيءَ جو فيصلو ٿيو تہ عورت سول سرجن جي اڳواڻيءَ ۾ ميڊيڪل بورڊ جوڙيو ويو. پوءِ هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي ان ميڊيڪل بورڊ ۾ ڪجهه وڌيڪ ماهرن کي شامل ڪيو ويو، جنهن تي مقتول جي والد بي اعتمادي جو اظهار ڪيو. اهڙيءَ ريت ٻيهر نئون ميڊيڪل بورڊ جوڙيو ويو جنهن پوسٽ مارٽم ڪيو. سوال اهو آهي تہ بنا ڪنهن سبب جي ميڊيڪل بورڊ ڇو تبديل ڪيو ويو؟ جنهن سبب هن ڪيس بابت مونجهارو پيدا ٿيو.

جيئوٽيڪ سنڌ حڪومت هڪ اهم فيصلي تحت هن معاملي جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو فيصلو ڪيو پر مير رضا جي والدين ۽ سندن وڪيل جبران ناصر عدالتي ڪميشن نہ جوڙڻ جي تجويز ڏني، جنهن سبب اهو فيصلو عملي شڪل اختيار نہ ڪري سگهيو. گهرو وزير ضياءُ النجار پاڻ مير رضا جي گهر ويو ۽ وارثن کي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي. شروعات ۾ پوليس آفيسر چوندا رهيا تہ اهو خودڪشيءَ جو معاملو آهي. هو وارثن سان لاڳاپن، مقتول جي گم ٿيڻ واري رات جي سرگرمين، سندس قرضدار هجڻ ۽ ٻين شاهدين جي بنياد تي خودڪشيءَ وارو مفروضو عام ڪندا رهيا، پر پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کان پوءِ سندن اهو مفروضو هوا ۾ تحليل ٿي ويو. نئين جاچ ٽيم جي جاچ مان هر روز نئون انڪشاف سامهون اچي رهيو آهي. انهن انڪشافن تي غور ڪرڻ سان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ پهرين جاچ رپورٽ خامين سان ڀريل هئي. مقتول جي وڪيل جو چوڻ آهي تہ نئين جاچ ٽيم بہ خودڪشيءَ واري مفروضي جي چوڌاري ڦري رهي آهي. هن مطالبو ڪيو آهي تہ وڏو وزير پاڻ هن ڪيس جي نگراني ڪري. پوليس جو موقف آهي تہ هينئر تائين 40 ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن، جن ۾ اهي ماڻهو بہ شامل آهن، جن مرحوم کي ڪروڙين رپيا قرض طور ڏنا هئا.

هن موقعي تي مير مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس جي جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي جج جسٽس ناصر اسلم زاهد جي رپورٽ جو ذڪر ڪرڻ مناسب لڳي ٿو. مير مرتضيٰ ڀٽو اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي ٻي حڪومت دوران پنهنجي جلاوطني ختم ڪري پاڪستان آيو هو. وزيراعظم بينظير ڀٽو چاهيو ٿي تہ هو ان وقت پاڪستان نہ اچي. بهرحال مير مرتضيٰ ڀٽو وطن واپس آيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن پنهنجي الڳ پارٽي پڻ قائم ڪئي. 20 سيپٽمبر 1996 ع تي رات دير سان سندس رهائشگاهہ 70 ڪلفٽن پرسان پوليس جي هٿياربند دستي سان ٽڪراءَ دوران هو مارجي ويو. هن واقعي جو هڪ اکين ڏٺو شاهد هڪ سينيئر رپورٽر ٻڌائي ٿو تہ پوليس اهلڪار زخمي مرتضيٰ کي فوري طور اسپتال نہ وٺي ويا. ڪيس ڪافي دير تائين فٽ پاٿ تي ويهاري رکيو ويو. ان وقت مرتضيٰ جي وات مان رت وهي رهيو هو پر پوليس اهلڪار ڪنهن اشاري جا منتظر هئا. ڪيس اڳوڻي مڊ ايسٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي بنيادي سهولتون بہ موجود نہ هيون.

هن ٽربيونل جي ڪارروائي ڪيترن ئي مهينن تائين جاري رهي ۽ سوين صفحن تي ٻڌل رپورٽ جاري ڪئي وئي. رپورٽ ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي پوسٽ مارٽم رپورٽ کي خامين جي بنياد تي رد ڪيو ويو هو. رپورٽ ۾ لکيو ويو هو تہ مير مرتضيٰ جي لاش جو قانون موجب پوسٽ مارٽم نہ ٿيو هو. ان ڪري ٽربيونل کي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ، شاهدن، بيانن ۽ اسپتال جي رڪارڊ تي ڀاڙڻو پيو. ٽربيونل کي ان صورتحال ۾ پوليس فورس پاران طاقت جي غيرقانوني استعمال ۽ اهم شخصيتن تي فائرنگ جا حڪم ڏيندڙ آفيسرن جي نشاندهي تي وڌيڪ زور ڏيڻو پيو. اهوئي سبب هو تہ پوليس آفيسرن سميت جيڪي ماڻهو هن ڪيس ۾ ملوث قرار ڏنا ويا هئا، انهن کي عدالتن آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پوليس آفيسر ٻيهر پنهنجي عهدن تي بحال ٿي ويا. ناصر اسلم زاهد ٽربيونل جي رپورٽ جي مواد تي بعد ۾ ايندڙ حڪومتن بہ غور نہ ڪيو. جيڪڏهن ان رپورٽ تي غور ڪيو وڃي ها ۽ پوليس جي جاچ، ميڊيڪل ليگل آفيسر جي فرضن ۽ انهن جي ڪم جي ضابطن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو وڃي ها تہ شايد مرتضيٰ ڀٽو جي قتل جا حقيقتون سامهون اچي وڃن ها. جديد فارنزڪ سائنس ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن ۽ خاص طور تي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي نون اوزارن جي استعمال سان ڏوهن جي تحقيقات جو طريقو ڪيترو آسان ٿي ويو آهي، ان کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن پوليس ڪاتي جي تنظيم نو ڪئي وڃي ها تہ اڄ ڪراچيءَ جي عوام ۽ پوليس وچ ۾ ايترو فاصلو نہ هجي ها. هن وقت صورتحال اها آهي تہ جيڪڏهن پوليس حقيقي ڏوهاري کي گرفتار بہ ڪري وٺي، تڏهن بہ عوام پوليس تي اعتماد نٿو ڪري.

ڪراچي شهر سنڌ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگيءَ سبب ڪيترن ئي تضادن جو شڪار آهي. عجيب صورتحال اها آهي تہ حڪومت انهن تضادن کي گهٽ ڪرڻ بدران اهڙا قدم کڻي ٿي، جن سان تضاد وڌيڪ گهرا ٿي رهيا آهن ۽ ان جو فائدو مخصوص مفادن رکندڙ گروهہ کڻي رهيا آهن. اهوئي وقت آهي تہ ميٽروپوليٽن پوليس جي قيام تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو وڃي. هاڻي سنڌ حڪومت هن معاملي جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پر وارث ان لاءِ تيار ناهن، جنهن سبب معاملو وڌيڪ پيچيده ٿي ويو آهي. ضروري آهي تہ سنڌ ۾ پوليس کي هڪ خودمختيار ادارو بڻايو وڃي. پوليس ۾ مقرريون ميرٽ جي بنياد تي ٿيڻ گهرجن ۽ پوليس کي بہ ميرٽ موجب پنهنجا فرض انجام ڏيڻ گهرجن. ڏوهن جي جاچ لاءِ هر ڪاتي کي مناسب فنڊ فراهم ٿيڻ گهرجن ۽ پوليس ۾ احتساب جو نظام سخت هجڻ گهرجي.

01 بقايا ***

بہ آگاهہ ڪيو ويو آهي. انڪوائري ڪميٽي جي ذريعن رپورٽ وزيراعظم آفيس موڪلڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي تہ رپورٽ عام ڪرڻ جو اختيار وزيراعظم کي ڏنو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ رپورٽ تي انڪوائري ڪميٽي جي سمورن ميمبرن جون صحيحون موجود آهن. جڏهن تہ ڪميٽي پمز سانحي جي سببن ۽ ذميوارن جو تعين بہ ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن موجب، رپورٽ ۾ امدادي ٽيمن جي ريسڪيو آپريشن دوران پيش آيل مسئلن جو بہ ذڪر موجود آهي، پمز جو جيڪو لاڳاپيل عملو غير حاضر هو، انهن خلاف ڪارروائي جي سفارش ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچڻ لاءِ سفارشون بہ ڏنيون ويون آهن. رپورٽ ۾ پمز جي انتظاميا ۽ ڊاڪٽرن جا انٽرويوز پڻ شامل آهن. جڏهن تہ فائر برگيڊ ۽ ريسڪيو ٽيمن جا بيان بہ رپورٽ جو حصو آهن. ذريعن جو چوڻ آهي تہ رپورٽ ۾ پمز اسپتال ۾ علاج ۽ اٿيوربن سهولتن جو بہ ذڪر موجود آهي ۽ اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪا بہ شيءِ عالمي معيار موجب ناهي. رپورٽ ۾ ذميوارن خلاف وزيراعظم کي فوري طور ڪارروائي ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي.

02 بقايا ***

ٽن تي اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون ٿيون پيون وڃن ۽ ان جو سڌو اثر عام آمريڪي واپاريدارن تي پئجي رهيو آهي. ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ عباس عراقچي دعويٰ ڪئي تہ ايران جي انٽيليجنس ذريعن موجب توانائي مارڪيٽن سان "ڪيڏڻ" يا انهن تي اثرانداز ٿيڻ جون وڏيون ڪوششون جاري آهن. هن الزام لڳايو تہ آمريڪي حڪومت سان واڳيل ڪجهه عنصر ميڊيا کي استعمال ڪندي اگهن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جيئن ذاتي مفاد حاصل ڪري سگهجن ۽ آمريڪي صدر کي هڪ "هارائيندڙ جنگ" ۾ الجهايو وڃي. عباس عراقچي اها بہ دعويٰ ڪئي تہ اسرائيل جون حامي ڪجهه ڌريون جنگ بابت حد کان وڌيڪ پراميد انداز پيش ڪري رهيون آهن ۽ جنگ جي حق ۾ بيانئي کي هٿي ڏئي رهيون آهن. ايراني پرڏيهي وزير موجب، انهن سمورين سرگرمين جو اصل بار آمريڪي واپاريدارن تي پئجي رهيو آهي، جيڪي توانائي جي اگهن ۾ لاهن چاڙهن جا اثر سڌيءَ ريت محسوس ڪري رهيا آهن.

03 بقايا ***

شين جون قيمتون گهٽ ٿيڻ باوجود پاڪستان ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. حڪومت مهانگائي جي ماريل عوام تي رحم ڪري. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو تہ اڄ اسان جي ڌرڻن جو 14هون ڏينهن آهي. اسان جي ڌرڻن ۾ شرڪت ڪندڙ سموري ملڪ جي ترجماني ڪري رهيا آهن. پهريان ٽن هنڌن تي ڌرڻا جاري هئا، هاڻ اهي وڌي ويا آهن. سموري ملڪ ۾ احتجاجي ڪيمپ بہ لڳايا پيا وڃن. هن چيو تہ حڪومت لاءِ انهي کان وڌيڪ شرم جي ٻئي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي تہ عوام جي احتجاج باوجود پيٽرول مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ فرق اچڻ جي باوجود عوام کي انهي جو فائدو نہ پيو ڏنو وڃي ۽ پيٽروليم ليوي جي ذريعي غريبن کان پتہ ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ هو تہ وفاقي حڪومت جا پنهنجا خرچ هڪ ٽريلين روپين تائين پهچي چڪا آهن. جڏهن تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ عروج تي پهچي وئي آهي. هن مطالبو ڪيو تہ سرڪاري گاڏين جو حجم بہ 1300 سي سي کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي. جماعت اسلامي جي امير لاهور ۾ ڊگهو ڌرڻو هڻڻ جو اشارو ڏيندي چيو تہ جماعت اسلامي عوام جي حقن لاءِ پنهنجو احتجاج جاري رکندي هن سمورين سياسي پارٽين کي بہ ڌرڻي جي شرڪت جي دعوت ڏني. هن خبردار ڪيو آهي جيڪڏهن ڪنهن بہ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن کي ڌرڻي مان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهو پلي پنهنجو شوق پورو ڪري وٺي.

04 بقايا ***

ان تي هاڪاري انداز ۾ غور ڪندي ڪشمير ميڊيا سروس موجب پارليامينٽ ۾ ڳالهائيندي خليل الرحمان چيو تہ بنگلاديش مڪ معاهدي کي هاڪاري نظر سان ڏسي ٿو. جڏهن تہ معاهدي ۾ شموليت جو فيصلو ميمبر ملڪن جي خواهش ۽ دعوت سان مشروط آهي. بنگلاديش جي پرڏيهي وزير چيو تہ مڪ معاهدو مسلمان دنيا جي دفاع جو هڪ طريقيڪار آهي ۽ مسلم ملڪن جو اهم معاملو آهي. ان تي ڪنهن کي ڳڻتي ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هن چيو تہ مڪ معاهدي ۾ وڌيڪ ملڪن جي شموليت عالمي مسلم برادري جي دفاع لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿي سگهي ٿو.

05 بقايا ***

نيپال پوليس پاران ٽوري دير اڳ ٻڌايل 616 فوتگين جي انگ کان وڌيڪ آهي. گذريل اربع تي آيل تباهي جي اڄ چوٿين ڏينهن بہ ريسڪيو جو ڪم جاري آهي. گم ٿيل ماڻهن جي انگ ۾ پڻ نمايان اضافو ٿيو آهي. جيڪو ساڳئي اداري پاران ڪالهه ٻڌايل 1,924 مان وڌي 2,426 ٿي ويو آهي. نيپال جي ڏکڻ_وچولي ترائي واري علائقي جي چتوان ضلعي جي عملدارن جو چوڻ آهي تہ هن وقت تائين ٻوڏ مان هٿ آيل 233 لاشن مان رڳو چئن جي سڃاڻپ ٿي سگهي آهي. چتوان جي ضلعي انتظاميا پنهنجي بيان ۾ چيو: "صحت جي ادارن ۽ درياهن جي ڪنارن تان گڏ ڪيل لاش يا انساني باقيات سڙڻ ۽ خراب ٿيڻ جي اهڙي حالت ۾ آهن جو هاڻي سندن سڃاڻپ ممڪن ناهي رهي." عملدارن وڌيڪ ٻڌايو تہ باقي 229 لاش عارضي مرڪزن ۽ صحت جي ادارن ۾ رکيا ويا آهن، جڏهن تہ سندن سڃاڻپ لاءِ ڊي اين اي جا نمونا اڳ گڏ ۽ رڪارڊ ڪيا پيا وڃن. ٻئي پاسي چين جي سرڪاري ميڊيا تبت جي گيرونگ ڪائونٽي ۾ امدادي ڪارروايون ۾ مدد لاءِ پهتل هنگامي امدادي عملي جون وڊيوز جاري ڪيون آهن. سيچوان فائر اينڊ ريسڪيو موبائل ڪور جا اهلڪار جبلن وارن علائقن ۾ ڳولا ڪري رهيا آهن، جن جو بنيادي ڪم مٽي ۽ ملبي هيٺ دٻيل ۽ گم ٿيل ماڻهن کي ڳولڻ آهي. مرڪزي نيپال جي نواڪوٽ علائقي ۾ ديوي گهاٽ مان سامهون آيل نيون تصويرون اربع ڏينهن آيل اوچتي ٻوڏ جي تباهي ۽ بربادي کي چٽي نموني ظاهر ڪن ٿيون. هي علائقو هڪ مقدس ۽ اهم زيارتگاهہ طور مشهور آهي ۽ ترشولي درياهہ ۽ ڪالي گنڊڪي درياهہ جي سنگم واري هنڌ تي واقع آهي.

06 بقايا ***

يت ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب اسپتالن ۾ فائر الارم، فائر فائٽنگ اوزار، ايمرجنسي ايگزٽ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي رستن جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو جڏهن تہ بجلي سميت ٻين امڪاني فائر هيزرڊز، ايمرجنسي رسپانس ۽ عملي جي تياري بہ جانچ ڪئي ويندي. صحت واري وزارت موجب آڊٽ جي دوران سامهون ايندڙ فوري خطري جو سبب بڻجندڙ ڪوتاهين جو اوليت جي بنيادن تي ازالو ڪيو ويندو. سمورين اسپتالن جي آڊٽ جي شروعات، لاڳاپيل ڪمپني جي نالي ۽ تڪميل جي امڪاني تاريخ کان فوري آگاهہ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

07 بقايا ***

گهرو وزارت پاران ڇنڇر ڏينهن جاري پڌرائي موجب گهرو وزير جي دوري دوران اميگريشن سسٽم ڊائون ٿي ويو هن موقعي تي ئي لاڳاپيل اختياريرن سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ اميگريشن سسٽم جي خرابي فوري ختم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. محسن نقوي چيو تہ سسٽم ڊائون ٿيڻ جي صورت ۾ متبادل انتظامن جو بندوبست رکيو وڃي. هن هدايت ڪئي تہ اميگريشن پراسيس ڪنهن بہ صورت رڪجڻ نہ گهرجي. گهرو وزير جعلي دستاويزن تي سفر ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن جا حڪم ڏيندي چيو تہ نامڪمل ۽ بنا تصديق ٿيل دستاويز رکندڙ مسافرن کي ڪنهن بہ صورت سفر جي اجازت ناهي.

08 بقايا ***

ڪ سالٽ جي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار جي موقعن ۾ اضافو ٿيو آهي. پاڪستان پنهنجي وسيع پنڪ سالٽ ذخيرن ذريعي عالمي مارڪيٽ ۾ روانگي واپار جي صلاحيت کي هٿي ڏئي رهيو آهي. وڙڇ، ڪالاباغ ۽ قائد آباد ۾ موجود وسيع ذخيرا پاڪستان کي پنڪ سالٽ جي عالمي مارڪيٽ ۾ اهم مقام ڏئي رهيا آهن. انهن ذخيرن عيوض پاڪستان سڄي دنيا جي هول سيلرز، ڊسٽري بيوٽرز ۽ آمدني واپار ڪندڙن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. پاڪستان پنڪ سالٽ جي پروسيسنگ، گريڊنگ، معيار برقرار رکڻ ۽ جديد پيڪيجنگ ذريعي ويليو ايڊيشن ڪري رهيو آهي. وڌندڙ عالمي طلب ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اضافو پنڪ سالٽ جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جا نوان امڪان پيدا ڪري رهيو آهي. پاڪستان معدني وسيلن کي ويليو ايڊيشن ذريعي عالمي مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائي روانگي واپار ڪرڻ واري صلاحيت وڌائي رهيو آهي.

09 بقايا ***

عوامي مرڪز ڪراچي جو دورو ڪيو. گهرو وزير پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ آيل شهرين سان مليو ۽ انهن کان سموري پراسيس بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. گهرو وزارت پاران ڇنڇر ڏينهن جاري پڌرائي موجب گهرو وزير محسن نقوي شهرين کان ٽوڪن جاري ٿيڻ کان وٺي وارو اچڻ تائين جي وقت بابت پڇا ڪئي. شهرين پاسپورٽ ٺهرائڻ جي نظام کي ساراهيو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو. شهرين وفاقي وزير سان ڳالهين دوران چيو تہ پاسپورٽ جي تجديد لاءِ آيا آهيون، ڪجهه منٽن ۾ ڪم مڪمل ٿيو آهي. هن چيو تہ پاسپورٽ ٺهرائڻ ۾ ڪا مشڪل پيش نہ آئي ۽ نہ ئي انتظار ڪرڻو پيو. گهرو وزير هدايت ڪئي تہ پاسپورٽ آفيس، عوامي مرڪز کي شهرين جي سهولت لاءِ وڌايو وڃي.

10 بقايا ***

آهي تہ ٻئي ٽيسٽ ۾ پاڪستان جون جيڪي حالتون آهن انهي ۾ ميچ تہ نٿو بچي پر پنهنجي عزت تہ بچائي وٺو. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو انهي جا 2 رستا آهن. هڪ اهو تہ پي سي بي صاف چئي ڇڏي تہ اسان اسڪائي اسپورٽس سان ناراض آهيون انهي جي ڪري نٿا کيڏي سگهون. فواد چوڌري جو چوڻ هو تہ ٻيو رستو اهو ٿي سگهي ٿو تہ ڪپتان بابر اعلان ڪري تہ اسان جي اڳوڻي ڪپتان عمران خان سان جيڪو سلوڪ ٿي رهيو آهي انهي ۾ اسڪائي اسپورٽس جي انٽرويو کان پوءِ دٻاءُ ۾ اضافو ٿيو آهي، انهي ڪري اسان کيڏي نٿا سگهون. ٻئي طرف پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ لارڊز ٽيسٽ جي دوران اسڪائي اسپورٽس طرفان قاسم خان ۽ سليمان خان جو انٽرويو نشر ڪرڻ جي باضابطہ شڪايت بہ داخل ڪري ڇڏي آهي. ياد رهي تہ لارڊز ٽيسٽ ۾ ٻئي ڏينهن پاڪستان جي ٽيم پنهنجي پهرين اننگز ۾ 110 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿي وئي. ٻئي ڏينهن جي اختتام تي انگلينڊ پنهنجي ٻئي اننگز ۾ 3 رانديگرن جي نقصان تي 81 رنسون ٺاهيون هيون انگلينڊ پنهنجي ٻئي اننگز 180 رنسن جي برتري سان شروع ڪندو.

11 بقايا ***

ڪي ملهائڻ جو مقصد گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ٿيندڙ ائٽمي تجربن سبب ماڻهن ۽ ماحوليات کي پهچندڙ نقصان جي حوالي سان عوامي شعور اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ ائٽمي تجربن جي پابندي جي جامع معاهدي (سي ٽي بي ٽي) بابت حمايت جي حوصلا افزائي بہ آهي. ان ڏينهن کي ملهائڻ جي تجويز قازقستان پيش ڪئي هئي ڇاڪاڻ تہ سوويت يونين ان ڌرتي تي سڀ کان پهرين ايٽمي تجربو ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ اٽڪل 456 ايٽمي تجربا ڪيا ويا جن مان جرمني جيترو وڏو علائقو گدلو ٿي ويو ۽ 5 لک کان وڌيڪ ماڻهن جون زندگيون ۽ صحت متاثر ٿي. واضح رهي تہ 1950 ع کان وٺي 20 هين صدي جي آخر تائين آسٽريليا کان ويندي آمريڪا تائين زمين هيٺ، سمنڊ هيٺ ۽ زمين جي سطح تي ايٽمي هٿيارن جا هزارين تجربا ڪيا ويا. ايٽمي هٿيارن تي پابندي جي جامع معاهدي تي 153 ملڪن صحيحون ڪيون پر ان کي عمل جوڳو نہ ڪيو ويو. ايٽمي تجربن جي خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي سرڪاري، غير سرڪاري، نجي ادارن جي انتظام هيٺ منعقد مختلف تقريبن ۾ ايٽمي تجربن سان عوامي ۽ ماحوليات جي شعبن کي پهتل نقصان جي حوالي سان شعور اجاگر ڪيو ويو.

12 بقايا ***

منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي، مربوط ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي. هڪ تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو تہ پاڪستان موسمياتي تبديلي جي ناڪاري اثرن سبب سخت متاثر ٿي رهيو آهي ۽ انهن اثرن کي منهن ڏيندڙ ملڪن ۾ نمايان آهي. ان چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل سهڪار سان ڪم ڪرڻو پوندو جڏهن تہ عالمي تعاون ۽ وسيلا بہ ضروري آهن. هن چيو تہ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ ۾ ان ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ اجتماعي قدم اٽڪر آهن. موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۽ وسيلا رکندڙ ملڪن کي ان حوالي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ پاڪستان موسمياتي انصاف کي حاصل ڪرڻ لاءِ عالمي سطح تي پنهنجو ڪيس پرپور انداز ۾ پيش ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ موسمياتي تبديلي سبب متاثر ملڪن کي عالمي برادري جي ڀرپور معاونت گهربل آهي تہ جيئن هو موسمياتي خطرن کي اثرائتي انداز ۾ منهن ڏئي سگهن. ڊاڪٽر مصدق ملڪ ماحولياتي تحفظ ۽ موسمياتي موافقت لاءِ مربوط پاليسين جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو تہ قدرتي آفتن جا نقصان گهٽ ڪرڻ لاءِ مقامي آبادين جي سگهہ وڌائڻي پوندي، جڏهن تہ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري ۽ موثر منصوبابندي کي يقيني بڻائڻ اٽڪر آهي.

13 بقايا ***

امتي ڪائونسل کان ملڪ ۾ عالمي مدد فوري طور تي مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سلامتي ڪائونسل جي هنگامي اجلاس کي خطاب ڪندي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد چيو تہ هيٽي جي صورتحال ۾ بدقسمتي سان بهتري ناهي ۽ تازا واقعا ملڪ جي عوام کي درپيش ڊگهي عرصي کان جاري واقعا سيڪيورٽي صورتحال جي سنگيني جو واضح ثبوت آهن. هن چيو تہ گينگ شهرين کي نشانو بڻائي سنگين حملا ڪري رهي آهي. جنهن سان عورتون ۽ ٻار متاثر ٿي رهيا آهن. هن زور ڀريو تہ سيپٽمبر 2025 ع ۾ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ تحت قائم گهڻ قومي گينگ اسپريشن فورس جي مڪمل مقرري ۾ لاجسٽڪ مسئلا ختم ڪيا وڃن. سفير عاصم افتخار احمد چيو تہ گينگ گروپن جي حوصلا شڪني ۽ عوام ۾ تحفظ جو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ جي ايس ايف جي وقت سر مقرري ۽ انهن ضروري وسيلن جي فراهمي انتهائي اهم آهي. هن چيو تہ هيٽي ۾ محفوظ ماحول جي قيام لاءِ غيرقانوني هٿيارن جي رسد فوري طور تي روڪڻي پوندي. هن چيو تہ هيٽي جي لاءِ عالمي حمايت ضروري آهي جڏهن تہ پائيدار حل لاءِ عدم استحڪام جي بنيادي سببن کي منهن ڏيڻو پوندو جنهن لاءِ هيٽي جي قيادت ۽ ملڪي ملڪيت موجب قدم کڻڻ ضروري آهي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي هيٽي ۾ گڏيل قومن جي خاص نمائندي ڪارلوس روئيز ميسيو ڪينيڪوف ۾ گينگ حملي جي مذمت ڪئي، جتي 23 ۽ 24 آگسٽ وچ واري رات گهرن کي باهہ ڏني وئي ۽ چرچ سميت مختلف هنڌن تي پناهہ وٺندڙ ماڻهن کي نشانو بڻايو ويو. هن اغوا ڪيل سمورن ماڻهن جي فوري ۽ غير مشروط آزادي جو مطالبو ڪيو. هن ٻڌايو تہ اپريل کان جون 2026 ع دوران هيٽي ۾ گينگ تشدد جي نتيجي ۾ هڪ هزار 408 ماڻهو فوت ۽ 656 زخمي ٿيا.

14 بقايا ***

ڪان وڌيڪ ماليت جي 75.57 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اي اين ايف ترجمان پاران جاري بيان موجب ڪارروائين ۾ اسلام آباد ايئرپورٽ تي جدہ ويندڙ مسافر جي پيٽ مان 126 گرام وزني 17 ڪوڪين سان ڀريل ڪيپسول هٿ ڪيا ويا. جناح ايئرپورٽ تي بحرين ويندڙ مسافر جي بيگ مان 627 گرام هيروئن هٿ ڪري نشاندهي تي هڪ ٻئي جوابدار کان 200 گرام آئيس هٿ ڪئي وئي. دالبندين ڊسٽرڪٽ چاغي ۾ گاڏي مان 75 ڪلوگرام آفيم هٿ ڪيو ويو اسپيني روڊ ڪوئيٽا ڪوريئر آفيس ۾ پارسل ۾ ڪاسميٽڪ مان 1.4 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو يونيورسٽي روڊ پشاور ڪوريئر آفيس ۾ سب مرسيبل واٽر پمپ مان 35 گرام آفيم، 180 گرام وزني 260 ايڪسٽيسي ٽيبليٽ هٿ ڪيون ويون. ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ 1997 ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

15 بقايا ***

تائين صوبي جي مختلف ضلعن ۾ برسات جي اڳڪٿي آهي، جڏهن تہ مختلف علائقن ۾ تيز برسات بہ پئجي سگهي ٿي. ترجمان موجب راولپنڊي، مري، گليات، جهلم، چڪوال، ٽلہ گنگ، اٽڪ، سيالڪوٽ، شيخوپوره، نارووال ۽ گجرات ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. لاهور، منڊي بهاؤالدين، گجرانوالا، وزيرآباد، حافظ آباد، قصور، اوڪاڙه، ننڪاڻه صاحب، سرگودها، خوشاب، ميانوالي ۽ نور پور ٿل ۾ بہ تيز برسات جو امڪان آهي. فيصل آباد، جهنگ، ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ، ليہ، ڀڪر، ساهيوال ۽ پاڪپتن ۾ بہ برسات جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي پنجاب لاهور، راولپنڊي، گوجرانوالا، گجرات ۽ سيالڪوٽ ۾ بہ شهري ٻوڏ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. ٻئي طرف مري، گليات ۽ ٻين جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو خطرو بہ موجود آهي. ڊي جي پي ڊي ايم اي صوبي جي ڪمشنرز ۽ ڊپٽي ڪمشنرز کي الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. هن چيو تہ پنجاب جي وزيراعليٰ جي هدايتن موجب ضلعي انتظاميہ کي بہ الرٽ ڪيو ويو آهي. سيف انور جپہ وڌيڪ چيو تہ وڏن شهرن ۾ ساونڻي برسات سبب شهري ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي انتظاميہ اڳواٽ الرٽ آهي. انهي دوران برساتي نالن ۾ فليش فلڊنگ جو خطرو بہ موجود آهي. پي ڊي ايم اي موجب صحت کاتي، آبپاشي، تعميرومواصلات، لوڪل گورنمينٽ ۽ لائيو اسٽاڪ کي بہ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. شهرين کان خراب موسم جي دوران ضروري احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. ڊي جي پي ڊي ايم اي چيو تہ شهري زبون حال ۽ ڪچن گهرن ۾ رهائش اختيار نہ ڪن. ساونڻي سيزن ۾ ڪچا ۽ زبون حال گهر ڪرڻ سبب وڌيڪ فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن اهڙي طرح مٽيءَ جي طوفان جي صورتحال ۾ شهري محفوظ هنڌن تي رهن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪن. وڌيڪ اهو تہ آسماني ڪنوڻ کان بچاءَ جي لاءِ بہ محفوظ هنڌن تي رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. هن چيو تہ ٻارن جو خاص خيال رکيو وڃي ۽ انهن کي هيٺاهين وارن علائقن ۽ جمع ٿيل پاڻي، بجلي جي تارن ۽ ٿنڀن جي ڀرسان هرگز نہ وڃڻ ڏنو وڃي. عوام بجلي جيان ڪنوڻ ۽ طوفاني صورتحال ۾ ڪليل آسمان هيٺ وڃڻ کان پاسو ڪن. پي ڊي ايم اي ترجمان موجب ڪنهن بہ ايمرجنسي صورتحال ۾ شهري پي ڊي ايم اي هيلپ لائن 1129 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

16 بقايا ***

مطالبو ڪري ڇڏيو. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف پليجو چيو آهي تہ سنڌ کي پٽ سان نہ لڳايو وڃي، سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث نہ ٿيڻ گهرجي. هن جو مطالبو ڪيو تہ سنڌ اسيمبلي مان سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت واضح ٺهراءُ منظور ڪيو وڃي.

17 بقايا ***

سيني کان وڌيڪ مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. شمارياتي ڪاتي طرفان جاري ڪيل تازي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي تہ ڪراچي ۾ 20 ڪلو اٽي جي قيمت 200 رپيين جو اضافو ٿيو آهي جنهن کان پوءِ اٽي جي قيمت 3200 رپيين تائين پهچي وئي آهي. ياد رهي تہ ملڪ جي ٻين شهرن ۾ بہ قيمتن جو گراف تيزي سان وڌي رهيو آهي. اسلام آباد ۾ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 3093 رپيي، پشاور ۾ 3100 رپيي، راولپنڊي ۾ 3067 رپيي، حيدرآباد ۾ 2940 رپيي ۽ بنون ۾ 2900 رپيين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي تہ بنيادي ترين انساني ضرورت کي حاصل ڪرڻ بہ هاڻ انتهائي مشڪل ۽ مهانگو ٿيندو پيو وڃي. انگن اکرن موجب ملڪ جي ٻين حصن ۾ بہ صورتحال ڪجهہ مختلف نہ آهي. ڪوئٽہ ۾ قيمت 2850 رپيي، جڏهن تہ سرگودها، ملتان، سيالڪوٽ ۽ گوجرانواله ۾ 2800 رپيي مقرر آهي انهي کان علاوه بهاولپور ۾ 2740، لاڙڪاڻي ۽ خضدار ۾ 2700، سکر ۾ 2500، لاهور ۾ 2300 ۽ فيصل آباد ۾ 2200 رپيي في ٿيلهو قيمت مقرر آهي. شهرين حڪومت کان اٽي جي مسلسل وڌندڙ قيمتن جي حوالي سان موثر حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

18 بقايا ***

انهن جي صلاحيتن کي عالمي مارڪيٽ سان هم آهنگ ڪري سگهجي. هڪ بيان ۾ هن چيو تہ پليٽ فارم تي فعال نوڪري جا موقعا 16,200 کان وڌي 19,973 ٿي ويا آهن، جڏهن تہ رجسٽرڊ اميدوارن جو تعداد 121,000 تائين پهچي ويو آهي. ساڳئي طرح، پوسٽ ڪيل نوڪرين جو تعداد 23,400 کان وڌي 26,890 ٿي ويو آهي. جيڪو پليٽ فارم جي مسلسل واڌ ۽ نوجوانن جي وڌندڙ دلچسپي جو واضح ثبوت آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ حقيقت اها آهي تہ آئي ورڪ فار سنڌ تي هاڻي تائين 457,000 کان وڌيڪ نوڪري جون درخواستون گڏ ڪيون ويون آهن. اهو سنڌ جي نوجوانن جي عملي شموليت ۽ روزگار ڳولڻ جي انهن جي عزم کي ظاهر ڪري ٿو. هن چيو تہ سنڌ حڪومت جو مقصد صرف نوجوانن کي نوڪريون فراهم ڪرڻ نہ پر انهن کي جديد معيشت جي گهرجن لاءِ تيار ڪرڻ پڻ آهي. سکيا ۽ ڪمايو پروگرام تحت ڪورس مڪمل ڪندڙ نوجوانن جو تعداد پڻ 2,735 کان وڌي 3,270 ٿي ويو آهي، جڏهن تہ 1,200 کان وڌيڪ بين الاقوامي ڪورس سنڌ جي نوجوانن کي عالمي نوڪري مارڪيٽ لاءِ تيار ڪري رهيا آهن. هن چيو تہ سنڌ حڪومت جو مقصد نوجوانن کي صرف نوڪري ڳوليندڙ نہ پر نوڪري لاءِ تيار ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾، اي آءِ ٽوسي وي ڪريئر جهڙي جديد سهولت متعارف ڪرائي وئي آهي، جيڪا نوجوانن کي مصنوعي ذهانت ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي دنيا جي سامهون پنهنجي صلاحيتن ۽ تجربي کي موثر طريقي سان پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري رهي آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ حڪومت نوجوانن کي موقعا فراهم ڪري رهي آهي ۽ انهن جي صلاحيتن کي روزگار سان ڳنڍڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ حڪومت پرعزم آهي تہ نوجوانن لاءِ روزگار جو رستو روايتي آفيس تائين محدود نہ هجي پر ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي انهن جي در تائين بہ پهچي. هن وڌيڪ چيو تہ آئي ورڪ فار سنڌ نوجوانن کي تعليم، تربيت، مهارت ۽ روزگار جي موقعن سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

19 بقايا ***

چڪو آهي، هاڻي ڪم ٿيندو مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان گڏ ڪورنگي نمبر 5 فلائي اوور جو افتتاح ڪيو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ شهر ۾ هاڻي ڪو بہ ڪڪر نہ بڻجندو. مامو ۽ ڪڪو بڻجڻ وارو وقت ختم ٿي ويو آهي، هاڻي ڪم جو وقت آهي ۽ اسان بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري جي ويزن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. مرتضيٰ وهاب چيو تہ چيئرمين ۽ صدر هميشہ اهو سوال پڇيو تہ ماڻهن لاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو ويو آهي. ڪورنگي اهو علائقو آهي، جتي ايم ڪيو ايم جوراڄ هو پر هن ضلعي ۾ پيپلز پارٽي هزارين روڊ ناهي ڏنا آهن هن چيو تہ ڪورنگي ڪازوي، تاج حيدر فلائي اوور ۽ هاڻي ڪورنگي لانڊي فلائي اوور شاهيو ويو آهي. ڪورنگي اڊائي نمبر برج ۽ عظيم پورا فلائي اوور ٺاهيا ويا آهن، جڏهن تہ شاهراهہ ڀٽو بہ پيپلز پارٽي تعمير ڪئي هن چيو تہ ڪورنگي ۾ 2 ارب ۽ لانڊي ۾ 2 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. ٻئي پاسي آئزم سينٽر مامو مو ڪم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا، جڏهن تہ سنڌ جي وڏي وزير 4 سال اڳ آئزم سينٽر قائم ڪيو هو پيپلز پارٽي جو پيغام آهي تہ ڪم ڪريو، چيو تہ عوام ڏسي رهي آهي، دلين کي ڳنڍڻ لاءِ روڊ بہ ٺاهڻو آهي، جڏهن تہ ترقياتي ڪم پيپلز پارٽي جي سربراهي ۾ جاري رهندا.

20 بقايا ***

سطح تي مختلف قسمن جي فوجي سامان جي تياري ۽ پيداوار ذريعي قومي دفاع کي مضبوط ڪرڻ ۾ ان جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر چيو تہ ان مقامي طور تي پيدا ٿيڻ ۽ تيار ڪيل هٿيارن ۽ گولا بارود جا تجربا ۽ آزمائشون پڻ ڏيکون، جيڪي جدت، خود انحصاري ۽ پاڪستان جي دفاعي پيداوار جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ پي او ايف جي عزم کي ظاهر ڪن ٿيون. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو تہ سي ڊي ايف فيلڊ مارشل عاصم منير کي ڊي پي آءِ پي آرڊيننس لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ڪارپوريٽائيزيشن جي عمل ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر موجب، سي ڊي ايف کي مقامي سطح تي پيداوار وڌائڻ ۽ جديد بڻائڻ لاءِ جاري ڪوششن بابت پڻ آگاهہ ڪيو ويو، جن تحت بہ نوان صنعتي پلانٽ لڳايا پيا وڃن. جن مان پيداوار شروع ٿيڻ جو امڪان هلندڙ سال جي آخر تائين آهي. بيان جي پڇاڙي ۾ چيو ويو تہ هي دورو پاڪستان جي دفاعي شعبي ۾ خود انحصاري، مقامي پيداوار ۽ ٽيڪنالاجي جدت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فوج جي عزم کي اجاگر ڪري ٿو.

21 بقايا ***

ت ۾ قائم بئنڪ مصرپواي اي جي آمريڪي مالياتي ادارن تائين لڪ پڙهہ تي ٻڌل بئنڪاري تائين پهچ ختم ڪرڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي ناڻي ڪاتي جي فنانشل ڪرائمز انفورسمينٽ نيٽ ورڪ اهو قدم ايران خلاف نئين پابندين جي مهم آپريشن اڪنامڪ آئوٽ ڪاسٽ تحت کيو آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو تہ ايران جي باقي رهيل اقتصادي سرگرمين جا ذريعا بہ ختم ڪيا ويندا ۽ ايران جي مدد ڪندڙ ادارن کي آمريڪي ڊالر ۽ عالمي مالياتي نظام تائين پهچ کان محروم ڪيو ويندو آمريڪي ناڻي ڪاتي جي موجب بئنڪ مصرپواي اي ايران جي آمريڪي ڊالر تائين پهچ جو هڪ اهم ذريعو آهي ۽ جنوري 2024 ع کان جون 2026 ع دوران ان 103 ڪمپنين لاءِ اٽڪل 1.8 ارب ڊالرن جي ڏيتي ليتي ڪئي. جنهن بابت آمريڪي عملدارن جو چوڻ آهي تہ هو ايران جي ڳجهي بئنڪاري نيٽ ورڪس جو حصو ٿي سگهن ٿا.

22 بقايا ***

ي بحران جو شڪار آهن. طالبان حڪومت جي ناقص اقتصادي پاليسين سبب افغانستان جو معاشي بحران هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳو افغان ٿنڪ ٽينڪ افغانستان اينالسٽس نيٽ ورڪ طالبان حڪومت جي معاشي بهتري جي بلند دعوائن کي واڪو ڪري ڇڏيو آهي. افغان ٿنڪ ٽينڪ افغانستان اينالسٽس نيٽ ورڪ موجب طالبان پاران اقتدار تي قبضي بعد افغان معيشت زوال جو شڪار آهي ۽ ملڪ جي ڊي پي ۾ مسلسل گهٽتائي ٿي رهي آهي. طالبان دور ۾ روزگار جو بحران سنگين آهي جڏهن تہ ڪمزور مارڪيٽ عوام کي مناسب روزگار جو ذريعو ڏيڻ ۾ ناڪام آهي. گڏيل قومن جي اداري اپچا جي ترجمان اوليگا چيروڪوبہ افغانستان ۾ عوام جي بدترين معاشي حالت جي نشاندهي ڪري چڪي آهي. عالمي ادارن جي رپورٽن طالبان حڪومت جي نااهلي ۽ انتهاپسنداڻين پاليسين سبب بدترين معاشي حالت کي ثابت ڪري ٿي.

23 بقايا ***

اي قومي اتحاد کي مضبوط ڪرڻ، مهانگائي ۾ گهٽتائي، مقامي سطح تي شين جي پيداوار وڌائڻ، ان آمدات ۾ گهٽتائي ۽ ڊالر تي ڀاڙڻ واري عمل کي تدريجي طور ختم ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. سپريم ليڊر امريڪا پاران جوهري جنگ دوران عوام جون ضرورتون پوريون ڪرڻ تي صدر مسعود پزشڪيان جي انتظاميا کي ساراهيو ٻئي طرف ايران نئين امريڪي اقتصادي پابندين کي رياستي دهشتگردي قرار ڏيندي سيني ملڪن کان مطالبو ڪيو آهي تہ ايران خلاف امريڪي پابندين تي عملدرآمد کان پاسو ڪن. واضح ڪيو ويو تہ امريڪي پابنديون ۽ شرڪت غيرقانوني ايران جي قدمن ۾ مدد ڪرڻ جي برابر آهي. ان کان علاوه صدر مسعود پزشڪيان سعودي عرب ۽ امارات سميت خطي جي ملڪن سان تعاون جي اپيل ڪئي آهي. هن ٻڌايو تہ ايران عارضي معاهدي تي عملدرآمد دوران لڳ ڀڳ 9 ڪروڙ تيل وڪرو ڪيو آهي.

24 بقايا ***

آهن. ڇنڇر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهہ ۾ ترٻيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 1 لک 73 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو بہ 1 لک 73 هزار 600 ڪيوسڪ رهيو ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 1 لک 83 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 1 لک 83 هزار 100 ڪيوسڪ، جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 17 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهہ ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 57 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 37 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال مطابق گدو بئراج ۾ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 3 لک 49 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 3 لک 13 هزار ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 3 لک 33 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 2 لک 80 هزار 400 ڪيوسڪ، جڏهن تہ ڪوٽڙي بئراج ۾ مٿاهون وهڪرو 1 لک 58 هزار 400 ۽ هيٺاهون وهڪرو هڪ لک 15 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ ترٻيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فٽ ۽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1218.95 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.509 ملين ايڪڙ فٽ ۽ چشمہ بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

25 بقايا ***

ميڊيا مطابق هن "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پيغام ۾ لکيو تہ ائٽمي تجربن اعتماد کي تباهہ، ائٽمي هٿيارن جي ڊوڙ کي وڌائڻ ۽ انهن معاشرن سان غداري جي برابر آهن جيڪي اڄ بہ ماضي جي ائٽمي تجربن جا نتيجا پوڳي رهيا آهن. هن ائٽمي هٿيار رکندڙ سمورن رياستن تي زور ڀريو تہ هوائٽمي تجربن تي لاڳو پابندين جي پاسداري ڪن ۽ ائٽمي تجربن تي پابندي جي معاهدي تي عملدرآمد ڪن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل وڌيڪ چيو تہ اچو تہ ائٽمي تجربن جي خاتمي جي پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪيون.

26 بقايا ***

ي نمبر 5 جي 12,000 روڊ تي ٺهيل ڪورنگي لانڊي فلائي اوور جو افتتاح ڪيو. 515 ميٽر ڊگهي فلائي اوور جي مڪمل ٿيڻ سان ڪورنگي، لانڍي ۽ ان سان لاڳاپيل صنعتي علائقن جي وچ ۾ ٽرئفڪ جي وهڪري کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي ٽرانسپورٽ جي مسئلن کان نجات حاصل ڪرڻ جون اميدون پيدا ٿيون آهن. منصوبي تي 746.628 ڪروڙ رپيا خرچ ٿيا آهن. جڏهن تہ منصوبي جو جسماني ڪم آگسٽ 2026 تائين 100 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جو ويزن عوام جي خدمت ڪرڻ آهي، سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ سندس پوري ٽيم ڏينهن رات ان ويزن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو تہ وڏن ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪرڻ عوام تي احسان نہ آهي، پر عوام جي خدمت ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. بلاول ڀٽو زرداري جو جذبو عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ سنڌ حڪومت ان جذبي تحت ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي. سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ صحت جي شعبي ۾ بہ سنڌ حڪومت اهم قدم کڻي رهي آهي ۽ سنڌ حڪومت انڊس اسپتال لاءِ سڀ کان وڏو عطيو ڏيندڙ آهي. جڏهن تہ ڪورنگي شاهراهہ ڀٽو علائقي ۾ هڪ وڏو آئزم سينٽر ٺاهيو پيو وڃي، جنهن جو نالو "انڪلوزو سٽي" رکيو ويندو صوبائي وزير چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي سنڌ جي وڏي وزير صنعتي علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ فنڊ فراهم ڪيا آهن. صنعتڪار ۽ صنعتي علائقن جي مالڪن جو احترام ڪيو ويندو آهي ۽ حڪومت صنعتن کي بهتر انفراسٽرڪچر فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي تہ جيئن صنعتي سرگرمين ۾ واڌ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿين هن چيو تہ ڪورنگي ۽ لانڍي پنهي صنعتي علائقن لاءِ ڪل 4 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ ٻنهي علائقن لاءِ 2.2 ارب رپيا شامل آهن. سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو نعرو "روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان" هو ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوامي خدمت جي ساڳئي فلسفي کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي سيني کي گڏ ڪري هلڻ تي يقين رکي ٿي ۽ عوام جي منشور جي پورائي منهنجو مقصد آهي. هن چيو تہ سنڌ جو وڏو وزير ۽ ڪراچي جو ميئر رات ڏينهن ڪم ڪري رهيا آهن غير ضروري پروٽوڪول کان سواءِ ڪندا آهن تہ جيئن شهر جي زميني صورتحال جو سڌو سنئون جائزو وٺي سگهجي. ان موقعي تي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو تہ ڪراچي ۾ هاڻي ڪنهن کي "چاچا" يا "ڪڪو" بڻائڻ جو وقت ختم ٿي ويو آهي. هاڻي صرف ڪم جو وقت آهي ۽ شهر جا ماڻهو ترقياتي ڪم پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهن. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪراچي ۾ مڪمل ترقياتي سرگرمين جاري آهن. جڏهن تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملندو آهي تہ ضرور پڇندو آهي تہ عوام لاءِ ڪهڙا ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن هو سنڌ جي وڏي وزير سميت هر نمائندي کان عوامي خدمت ۽ ترقياتي ڪم بابت پڇندو آهي. مرتضيٰ وهاب چيو تہ ڪورنگي ڪڏهن اهڙو ضلعو آهي جتي ماضي ۾ متحده قومي موومينٽ جو سياسي اثر هو پر اڄ پيپلز پارٽي جي حڪومت ساڳئي علائقي ۾ وڏي پيماني تي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪري رهي آهي. هن چيو تہ ڪورنگي ۾ هزارين روڊن جي تعمير ۽ بهتري سان گڏ ڪورنگي ڪازوي، تاج حيدر فلائي اوور، ڪورنگي نمبر 2 پل، عظيم پورا فلائي اوور ۽ هاڻي ڪورنگي لانڊي فلائي اوور جهڙا اهم منصوبا مڪمل ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ شاهراهہ ڀٽو بہ ڪورنگي کان شروع ٿي رهي آهي. ميئر ڪراچي چيو تہ ڪورنگي ۽ لانڍي جي صنعتي علائقن ۾ 4 ارب رپين جي لاڳت سان ترقياتي ڪم ڪيا ويا آهن، ٻنهي صنعتي علائقن لاءِ 2.2 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. جيڪي صنعتي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائيندا ۽ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين کي فروغ ڏيندا. هن چيو تہ سنڌ حڪومت جو مقصد صرف اعلان ڪرڻ نہ پر عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪراچي جي ترقي جو سفر جاري رهندو ۽ شهر کي بهتر، وڌيڪ خوبصورت ۽ جديد بڻايو ويندو ميئر ڪراچي صحت جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت جي قدمن جو ذڪر ڪندي چيو تہ ڪراچي جي حوالي سان انڊس اسپتال جي پنهنجي قدمن جو ذڪر ڪن ٿا، جڏهن تہ سنڌ ۾ آئزم سينٽر قائم ڪرڻ تي ڪم چار سال اڳ شروع ڪيو ويو هو جڏهن تہ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ۾ بہ سڀ کان وڌيڪ وينٽيليٽرن جي سهولت موجود آهي. هن چيو تہ ترقياتي منصوبا صرف روڊن ۽ پلن جي تعمير تائين محدود نہ آهن. پر انهن جو مقصد شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ، مختلف علائقن کي ڳنڍڻ ۽ معاشي سرگرمين کي فروغ ڏيڻ پڻ آهي. تفصيل موجب، ڪورنگي نمبر 5 جي 12 هزار روڊ تي ٺهيل لانڊي فلائي اوور ڪل 515 ميٽر ڊگهو آهي، منصوبي جي پل جي ڊيگهہ 240 ميٽر آهي جڏهن تہ ويڪر 7.5 ميٽر آهي، مٽي ريمپ 156 ميٽر آهي ۽ هيٺ ريمپ 119 ميٽر ڊگهو آهي. منصوبو سنڌ حڪومت جي ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ تحت مڪمل ٿيندڙ منصوبي جي مالي پيش رفت 97.24 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ جسماني ڪم مڪمل طور تي مڪمل ٿي چڪو آهي. فلائي اوور جي مڪمل ٿيڻ سان ڪورنگي، لانڍي ۽ صنعتي علائقن ۾ ٽرئفڪ جي وهڪري ۾ بهتري، شهرين کي سفر جي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ مصروف هاءِ ويز تي ٽرئفڪ جو دٻاءُ گهٽجڻ جي اميد آهي. صنعتي علائقن ۽ روڊن ۽ ٽرئفڪ جي بنيادي ڍانچي جي بهتري سان نہ رڳو ٽرئفڪ جي مسئلن ۾ گهٽتائي اچڻ جي اميد آهي پر صنعتي ۽ تجارتي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن کي بہ فروغ ملندو.

27 بقايا ***

شن اوزارن سان ليس انهن ڪاڪروچز کي (بيرابورگس) جو نالو ڏنو ويو آهي. ڪاڪروچ جي اعصابي نظام ۾ اليڪٽروڊ لڳائي پري کان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. سائنسدانن ٻڌايو تہ اهي ڪاڪروچ تنگ ۽ ڏکين رستن تان گذري متاثر ماڻهن تائين پهچي سگهن ٿا. انهي حوالي سان تجربن ۾ ڊوا پهچائڻ جي ڪاميابي جي شرح 72 سيڪڙو جڏهن تہ وچيهي فاصلي کان 95 سيڪڙو رهي. سائنسدانن جو چوڻ هو تہ مستقبل ۾ انهن کي زلزلن، عمارتون ڪرڻ، ٺانگ جي ڏڻڪن ۽ ٻين هنگامي حالتن ۾ حياتيون بچائڻ جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

28 بقايا ***

پهچايو آهي. شيري رحمان چيو تہ پاڪستان چيو تہ ٺئين دهلي کي اهو حق حاصل ناهي تہ هو پنهنجي مرضي سان ڏهاڪن کان ٻڌل آبي انتظام کي معطل قرار ڏئي. شيري رحمان چيو تہ ڪنهن عالمي معاهدي مان نڪرڻ جو فيصلو هڪطرفي اعلان ذريعي نہ، پر طئي ٿيل عالمي طريقيڪار موجب ٿي سگهي ٿو. شيري رحمان چيو تہ ڀارت جي انتهاپسند حڪومت جا تازا قدم پاڪستان جي پاڻي بابت جائز مفادن کي ڪنهن بہ صورت متاثر نٿا ڪري سگهن. شيري رحمان موجب قانوني تڪرار کي عالمي فورمن تي کڻي وڃڻ پاڪستان جي مجبوري نہ، پر پاڪستان جو قانوني حق آهي. شيري رحمان چيو تہ پارٽ پنهنجي آبي منصوبن جي آڙ ۾ بين الاقوامي طور طئي ٿيل حدن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهي. ٻن بجلي پيدا ڪرڻ جي اجازت جو مطلب اهو ناهي تہ پارٽ درياهن جي وهڪري ۽ منصوبن بابت مقرر اصولن کي پنهنجي مرضي سان تبديل ڪري ڇڏي. شيري رحمان چيو تہ پاڪستان جي درياهي حصي کي پارٽي احسان قرار ڏيڻ تاريخي حقيقتن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ طئي ٿيل انتظام جي نفي آهي. شيري رحمان چيو تہ پاڪستان ڏهاڪا اڳ پنهنجي آبي ڍانچي کي نون حالتن مطابق ترتيب ڏنو تنهن ڪري پارٽ هاڻي پراڻي انتظام کان هڪطرفي طور پوئتي نٿو هٽي سگهي. شيري رحمان چيو تہ دهلي ۽ اسلام آباد وچ ۾ سياسي تڪرار پنهنجي جاءِ تي، پر انهن جي بنياد تي عالمي ذميوارين کان پاسو نٿو ڪري سگهجي. پارٽ جو پاڻي کي سفارتي دٻاءَ جي اوزار طور استعمال ڪرڻ وارو رويو ڏکڻ ايشيا ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ڪري سگهي ٿو شيري رحمان چيو تہ عالمي ثالثي جي فيصلن کي نظرانداز ڪرڻ سان پارٽ جو اهو موقف ڪمزور ٿئي ٿو تہ هو عالمي قانون جو احترام ڪري ٿو شيري رحمان چيو تہ نئين دهلي کي سمجهڻ گهرجي تہ درياهن جي پاڻي تي مٿي تعميرات يا انتظامي فيصلن سان حاصل نٿو ڪري سگهجي. شيري رحمان چيو تہ پاڻي جي معاملي تي ڪو بہ ضد ۽ هڪطرفي طرزعمل ختم ڪري آبي تڪرارن جي حل جو موجود باقاعده گڏيل نظام ۾ واپس اچي. شيري رحمان چيو تہ پاڪستان جي پاڻي جو تحفظ قومي سلامتي، زرعي پيداوار ۽ عوامي روزگار سان سڌي ريت جڙيل آهي، تنهن ڪري پارٽ ان کي سياسي سوديبازي جو ذريعو نہ بڻائي.

29 بقايا ***

ي سلامتي، پيٽروليم شعبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن، سپلاءِ چين جي استحڪام ۽ جاري سڌارن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي. او آءِ سي سي آءِ جي دوري دوران وفاقي وزير چيمبر جي سينئر قيادت، صنعت سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن جي نمائندن سان ملاقات ڪئي. اجلاس ۾ ميڊيا جي نمائندن بہ شرڪت ڪئي ۽ پيٽروليم شعبي ۾ جاري اڳڀرائي، سڌارن ۽ سيڙپڪاري جي امڪانن تي ڳالهيون ٿيون. هن موقعي تي وفاقي وزير شرڪت ڪندڙن کي حڪومت پاران تيل ۽ گيس جي ڳولها، ريفائنري جي بنيادي ڍانچي جي جديدڪاري ۽ پيٽروليم شعبي ۾ سڌارن لاءِ کنيل قدمن کان آگاهہ ڪيو هن توانائي ڍانچي جي تحفظ لاءِ بانڊڊ اسٽوريج ۽ اسٽرٽيجڪ پيٽروليم ذخيرن جي منصوبن کي بہ اجاگر ڪيو. وفاقي وزير چيو تہ حڪومت جو مقصد اهڙو پيٽروليم شعبو قائم ڪرڻ آهي جيڪو وڌيڪ چڱائيپ، سيڙپڪاري دوست ۽ ملڪ جي ڊگهي مدي واري توانائي ضرورتن سان هم آهنگ هجي. حڪومت ايڪسپلوريشن، ريفائننگ ۽ ڊائون اسٽريم مارڪيٽس ۾ سڌارن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي جڏهن تہ صنعت سان لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز سان مسلسل رابطي ذريعي عملي طور مسئلا حل ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ حڪومت سيڙپڪاري لاءِ قابل ڀروسو ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. او آءِ سي سي آءِ جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو سميت پرڏيهي سيڙپڪارن حڪومت جي ڪاروباري ۽ ريگيوليٽري ماحول جي اهميت تي زور ڀريو. ٻئي پاسي پيٽروليم بابت وفاقي وزير ڪراچي ۾ پي ايس او هائوس جو دورو ڪيو ۽ پاڪستان اسٽيٽ آئل جي انتظاميہ سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ قومي توانائي سلامتي، سپلاءِ چين جي استحڪام، اسٽرٽيجڪ اسٽوريج ۽ توسيع ۽ ڊجيٽل ٽرانسفارميشن سميت مختلف معاملن تي غور ڪيو ويو ملڪ ۾ بارڻ جي سپلاءِ جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ، پيٽروليم سپلاءِ چين جي صلاحيت ۽ پائيداري بہتر بڻائڻ جا قدم بہ بحث هيٺ آيا. علي پرويز ملڪ پيٽروليم شعبي جي جديدڪاري ۽ توانائي سلامتي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ انفراسٽرڪچر جي ترقي جي حوالي سان حڪومت جي مڪمل حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن اسٽرٽيجڪ اسٽوريج جي صلاحيت وڌائڻ، سپلاءِ چين کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ڪارڪردگي ۽ وقت سر رد عمل بهتر بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

30 بقايا ***

ڪامران ۽ سيد سبط الحيدر بخاري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ آئي ٽي بل جي حوالي سان عوام جي لاءِ خوشخبري آهي تہ حڪومت اهو بل واپس وٺي ڇڏيو آهي. سنڌ جي وفاقي معاملي جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي پلوشہ خان چيو تہ انهي حوالي سان ڳالهيون ڪندڙن کي روڪي نٿو سگهجي. ايوان ۾ قرارداد پيش ٿي آهي جيڪا اڪثريت سان منظور ٿيندي. سحر ڪامران چيو تہ سنڌ جي هر صوبي جي ورهاست جي ڳالهہ ڪري ٿو. سينيٽر پلوشہ خان وڌيڪ چيو تہ ايم ڪيو ايم کي ڪافي وقت کان سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. سينيٽر پلوشہ خان چيو ڪيو تہ حڪومت آئي ٽي بل کي ڪيڪاري قرار ڏيندي انهي کي واپس وٺي ڇڏيو آهي. انهي عمل جي تعريف ڪريون ٿا جڏهن تہ وڌيڪ عوام کي آڌهن وڃي ٿي جنهن پنهنجي اسيمبلي ميمبر سحر ڪامران جي مطالبو ڪيو تہ پمز واقعي جي رپورٽ عوام جي سامهون پيش ڪئي وڃي. هن امڪان ظاهر ڪيو تہ هن واقعي ۾ وڌيڪ سمورين ڪوتاهين وڃي اصل ذميوار وڏين آفيسرن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. سحر ڪامران چيو تہ آئي ٽي بل عوام جي حق ۾ ناهي جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪڏهن ڪو بہ پنهنجي گهرن تي تالو لڳائڻ جي اجازت نٿو ڏئي تہ انهي ٽي بل ڪي منهن ڏيڻو پوي ها، سينيٽر پلوشہ خان هن چيو تہ هن قومي اسيمبلي ۾ جهڙي طرح قانونسازي ٿي رهي آهي تہ اسان کي ان جي اهڙي ڪا بہ مطالبو ڪيو تہ آئينده قومي اسيمبلي ۾ قانونسازي جي عمل کي شفاف بڻايو وڃي. سحر ڪامران پمز واقعي تي جي تہ ان ماڻهن جي ڏک جو ڪيو حرجاڻو ڏنو ويو. هن جي جڳهہ تڪرا انهن کان وڃڙي ويا. پلوشہ خان الزام لڳايو تہ پمز ۾ ويٺل اعليٰ اختياريون شاهدين لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. سينيٽر پلوشہ خان چيو تہ پيپلز پارٽي انهي معاملي کي فائلن ۾ دفن ٿيڻ نہ ڏيندي. ٻئي ايوانن ۾ آواز اٿاريو ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ مطالبو اهو آهي تہ رپورٽ جو اهو آڏو آئي حقيقتون بہ سامهون آڻڻ گهرجن.

31 بقايا ***

ي جو انتخاب ڪري ورتو آهي ۽ تاريخ ۾ پهريون پيرو مقابلو هڪ اهڙي عورت کٽيو آهي، جيڪا شادي شده ۽ ٻارن جي ماءُ آهي. ورجينيا سان تعلق رکندڙ جسٽس ڪيلي جمعي ڏينهن ٽيليويزن تي نشر ٿيندڙ تقريب دوران تاج پنهنجي نالي ڪيو. 31 ورهين جي ڪيلي هن مقابلي جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي عمر واري فاتح پڻ بڻجي وئي آهي. گذريل سال جي فاتح آڊري ايڪرٽ پنهنجي جانشين کي تاج پارايو ڪجهہ سال اڳ تائين ڪيلي جهڙي مقابلي ۾ حصو وٺندڙ عورت کي شادي شده هجڻ ۽ ٻارن جي ماءُ هجڻ سبب مقابلي ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي هئي. ان کان علاوه عمر جي بہ سخت حد مقرر هئي ۽ مقابلي ۾ حصو وٺندڙن جي عمر 18 کان 28 ورهين جي وچ ۾ هجڻ لازمي هئي. شادي شده عورتن ۽ مائرن تي لاڳو پابندين وارن قاعدن ۾ 2023 ع ۾ ترميم ڪئي وئي، جڏهن تہ عمر جي حد 2024 ع ۾ ختم ڪئي وئي. ڪيلي پنهنجي مڙس ٽائلر سان گڏ لائسنس يافتہ فوسٽر پيرنٽ آهي ۽ هن وقت سندن گهر ۾ هڪ ننڍڙو ٻار ۽ سندس پيڻ فوسٽر ڪيئر تحت سندن سنڀال ۾ آهن گذريل هفتي ڪيلي ان وقت خبرن ۾ آئي، جڏهن ڪيس ايئرپورٽ تي پنهنجو سامان ڪچري جي ٿيلهين ۾ کڻي ويندي ڏٺو ويو هن وضاحت ڪئي تہ اهو انهن ڪيترن ئي فوسٽر ٻارن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هو جيڪي سندس زندگيءَ ۾ آيا ۽ پنهنجو سامان اهڙي ئي نموني ٿيلهين ۾ کڻي آيندا هئا. حسن جي راڻي ڪيلي فوسٽر فوٽ پرنٽس نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي آهي ۽ ان کي هلائي ٿي، جيڪا سندس علائقي جي فوسٽر ڪيئر نظام ۾ شامل نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري ٿي.

32 بقايا ***

ٽول ٺاهيندڙ ڪمپني آهي، جيڪا هاڻي ايلون مسڪ جي ملڪيت واري اسپيس ايڪس جي ملڪيت آهي. اهو قدم اوپن اي آءِ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سام آلٽمين ۽ مسڪ وچ ۾ جاري تلخ رقابت ۾ وڌيڪ واڌ جي نشاندهي ڪري ٿو مسڪ ۽ آلٽمين ڪيترن ئي سالن کان هڪ ٻئي سان اختلافن جو شڪار رهيا آهن. اهو تڪرار هن سال جي شروعات ۾ ان وقت عدالت تائين پهتو جڏهن مسڪ جي طرفان اوپن اي آءِ خلاف داخل ڪيل 150 ارب ڊالرن جي هرجاڻي واري دعوي تي جيوري اسپيس ايڪس جي ڪاتي بنائي ۽ هاڻي اسپيس ايڪس جي هڪ عهديدار مائيڪل ٽروئل ايڪس تي چيو تہ انهن کي هن معاملي جي حل ڪرڻ لاءِ اوپن اي آءِ جي ٽيم سان ڳالهائي رهي آهي. اوپن اي آءِ جي اعلان کان ڪجهہ ڪلاڪ پوءِ اينٿراپڪ (Anthropic)، جيڪا ٻنهي ڪمپنين جي مقابلي واري ڪمپني آهي پر اسپيس ايڪس سان ان جي شراڪت جاري آهي، چيو تہ اها ڪرسر ۾ Claude ماڊلز جي استعمال لاءِ ڪمپيوٽنگ صلاحيت وڌائڻ جو ارادو رکي ٿي. ڪمپني جي گڏيل باني ٽام براؤن اها ڳالهہ ٻڌائي.

33 بقايا ***

، ٻارن بابت ٻين افسوسناڪ واقعن تي شوبز شخصيتن بہ سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ذميوارن جي خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. سوشل ميڊيا تي شوبز شخصيتن طرفان اهو سوال اٿاريو پيو وڃي تہ آخر ذميوارن کي ڪڏهن جوابده ڪيو ويندو جو اڳ ئي وڌيڪ ڪيترين حياتيون ضايع ٿينديون. اداڪاره سونيا حسين انسٽاگرام تي ڪراچي جي علائقي ناظم آباد ۾ هڪ نجي اسپتال جي ٻاهر احتجاج ڪندڙ پريشان حال خاندان بابت خبر شيئر ڪئي. هن انهي صورتحال کي ملڪ ۾ حالتن جي سنگيني جي نشاني قرار ڏيندي امڪان ظاهر ڪيو تہ اهو واقعو انساني اسمگلنگ جو ممڪن معاملو بہ ٿي سگهي ٿو سونيا حسين لکيو تہ پاڪستان ۾ حالتون هڪ خوفناڪ حد تائين پهچي چڪيون آهن ۽ اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن تي فوري ڪارروائي جي ضرورت آهي. هن لاڳاپيل اختياريرن کان صورتحال جو نوٽيس وٺڻ جي بہ اپيل ڪئي. اداڪاره نائمہ خاور بہ هلندڙ واقعن تي افسوس جو اظهار ڪندي انسٽاگرام اسٽوري ۾ لکيو "سخت ڪاوڙ" خوف، دل ٽٽي ويو آهي هر ڏينهن هڪ اهڙي ڪهاڻي سامهون ايندي آهي." هن سوال ڪيو تہ آخر ٻار ۽ عورتون ڇو محفوظ نہ آهن. نائمہ خاور وڌيڪ سوال ڪيو تہ ڪيترين ٻين مائرن کي پنهنجن ٻارن جي حياتين تان هٿ ڌوئڻا پوندا ڪيترين ٻين چوڪرين کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون؟

34 بقايا ***

س معاهدو (آءِ ڊبليو ٽي) جي قانوني حيثيت کي تبديل نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي ان تحت پيدا ٿيندڙ حقن ۽ ذميوارين کي ختم ڪري سگهي ٿو معاهدا هاڻي بہ عمل جوڳو آهي. نيوز ويڪ ۾ شايع ٿيل هڪ مضمون ۾ رضوان سعيد شيخ لکيو تہ ڇهہ ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان سنڌ طاس معاهدو دنيا جي سڀ کان اهم درياهي نظامن مان هڪ جي طي ٿيل ڍانچي ذريعي آپريشن معيارن تحت هجن هن چيو تہ ٺاڪٽري عدالت معاهدي جي جاري رهڻ ۽ عملدرآمد ۽ انهن جي خدشن جي پابند نوعيت جي توثيق ڪئي آهي. ان جي ايوارڊ جنهن ۾ مئي 2026 ع جو ضمني ايوارڊ، اطلاق هئڻ گهرجي. ڪو بہ غير لاڳاپيل سياسي يا سيڪيورٽي الزام هڪ پابند عالمي معاهدي تحت ذميوارين کي ڪنهن بہ حالت ۾ معاف نہ ڪري سگهن هن زور ڀريو تہ دهشتگردي جا ٻي بنياد الزام يا ٻيا ٻہ طرفہ تڪرار سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ، نظرانداز ڪرڻ يا ٻيهر لکڻ وارو هڪ طرفو حق پيدا نٿا ڪري سگهن هن چيو تہ پاڪستان سنڌ طاس معاهدي جي روح مطابق عملدرآمد لاءِ پرعزم آهي، پارٽ کي پنهنجي هڪ طرفہ قدمن کي رد ڪرڻ گهرجي، پنهنجي معاهدي جي ذميوارين جي مڪمل تعميل طرف واپس اچڻ گهرجي ۽ معاهدي تحت قائم اداره جاتي ۽ تڪرارن جي حل جي طريقيڪار ذريعي ڪم ڪرڻ گهرجي.

35 بقايا ***

منگهوپير ۾ هڪ ماربل فيڪٽري اندر شهري تي تشدد ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث چئن جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڊفينس جي خيابان بخاري ۾ واقع هڪ اپارٽمينٽ ۾ جهيڙي جي وڊيو وائرل ٿي وئي آهي. جهيڙي جي سي سي ٽي وي وڊيو ۾ هڪ عورت کي ٻي عورت تي تشدد ڪندي ڏسي سگهجي ٿو سندس هٿ ۾ ورزش لاءِ استعمال ٿيندڙ لوهو ڊمبل پڻ نظر اچي رهيو آهي. وڊيو ۾ هڪ پوليس اهلڪار کي متاثر عورت کان گڏ موجود شخص کي ڌڪا ڏيندي پڻ ڏٺو ويو آهي. تشدد جو نشانو بڻيل عورت نورالعين مبينا طور تشدد ڪان پوءِ تيار ڪيل هڪ وڊيو انٽرنيٽ تي شيئر ڪئي، جيڪا تيزي سان وائرل ٿي وئي. متاثر خاندان واقعي بابت درخشان ٿاڻي ۾ درخواست پڻ جمع ڪرائي آهي. ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا چيو آهي تہ واقعي جي جاچ ميرٽ تي ڪئي ويندي. هن موجب تشدد جو نشانو بڻجندڙ ٻئي پيڻ ۽ ٻار آهن، جيڪي پنهنجي والده سان گڏ ان اپارٽمينٽ ۾ رهندا هئا.

بقايا عوامي سوچ 01

جي جذبي جي اعتراف طور بهترين ايس ايڇ او ميرمحمد ڪيريو ۽ پوليس ڪانسٽيبل عمران پنهور کي معزز ايس ايس پي پاران CC_III ايوارڊ سان نوازيو ويو. ايوارڊ تقريب دوران هنهي پوليس اهلڪارن جي محنت، ايمانداري، بهادري ۽ پنهنجي فرض سان سچي وابستگي کي ساراهيو ويو. اختيارين جو چوڻ هو تہ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بهترين ڪارڪردگي ۽ ذميواري سان فرضن جي ادائيگي امن امان جي بحالي ۽ عوام جي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ايس ايڇ او ميرمحمد ڪيريو ۽ پوليس ڪانسٽيبل عمران پنهور جي CC_III ايوارڊ حاصل ڪرڻ تي سائين، دوستن ۽ شهرين کين مبارڪون پيش ڪندي چيو تہ هي اعزاز سندن مسلسل محنت، ايمانداري ۽ فرض سان وفاداري جو روشن ثبوت آهي. ان موقعي تي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي دعا ڪئي وئي تہ الله پاڪ هنهي پوليس اهلڪارن کي هميشہ ساڳئي جوش ۽ جذبي سان عوام جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ کين زندگيءَ ۾ وڌيڪ ڪاميابيون، عزتون ۽ بلنديون نصيب ڪري

بقايا عوامي سوچ 02

پوٽ قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار لالا رانگهڙ جي ڪنفرم ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. عدالت ڪيس جي رڪارڊ ۽ ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ ۽ جائزو وٺڻ بعد لالا رانگهڙ جي ضمانت واري درخواست منظور ڪئي. واضح رهي تہ علي نواز راجپوت جي قتل جو ڪيس ڪجهہ مهينا اڳ ٿاڻي ميراه گورچاڻي تي داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ لالا رانگهڙ کي نامزد ڪيو ويو هو.

بقايا عوامي سوچ 03

۽ مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا نہ ملڻ خلاف نوجوانن پاران مڪلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي آهي. احتجاج ڪندڙ نوجوان ملڪ نواز جوکيو چيو آهي تہ ٺٽي ضلعي جي جنگشاهي، جهمپير ۽ ڪوهستان واري علائقي ۾ مختلف سرڪاري، غير سرڪاري ادارن ۽ ونڊ پاور منصوبن ۾ مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب نوجوانن ۾ مايوسي ۽ بيچيني وڌي رهي آهي. هن الزام لڳايو تہ مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بدران ٻاهرين ماڻهن کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جڏهن تہ ضلعي جي نوجوانن کي پنهنجي ئي علائقي ۾ روزگار لاءِ در در جا چڪر ڪاٽڻا پون ٿا. سندس چوڻ هو تہ هن معاملي بابت ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سميت لاڳاپيل ادارن کي بار بار آگاهہ ڪيو ويو آهي، پر مسئلو حل نہ ٿي سگهيو آهي. ملڪ نواز جوکيو چيو تہ "اسان جو نوجوان بيروزگاري سبب نفسياتي دٻاءُ ۽ مايوسي جو شڪار ٿي رهيو آهي، تنهنڪري روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪوهستان، جهمپير ۽ ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ تعليم جي صورتحال بهتر ڪرڻ بہ ضروري آهي" هن چيو تہ تعليم ۽ روزگار کان محرومي نوجوانن کي غلط رستن ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي، تنهنڪري حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي نوجوانن جي مسئلن کي سنجيدگي سان حل ڪرڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ ٺٽي ضلعي ۾ قائم سرڪاري ۽ نجي ادارن، اين جي اوز ۽ ونڊ پاور منصوبن ۾ مقامي نوجوانن کي ميرٽ ۽ شفاف طريقي سان روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ۽ ڀرتين جي عمل جي نگراني لاءِ اثرائتو نظام جوڙيو وڃي. احتجاج ڪندڙن اعلان ڪيو تہ مطالبا تسليم ٿيڻ تائين احتجاجي ڪيمپ جاري رکي ويندي ۽ ضرورت پوڻ تي احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 04

۽ مايوسي پکڙجي وئي آهي. اسپتال ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ، عملي جي غير موجودگي ۽ ايمرجنسي مريضن لاءِ ايمبولينس جي سهولت نہ ملڻ جا واقعا هاڻي سنگين انساني الميي جو روپ اختيار ڪري رهيا آهن. گذريل رات ڀهراڙيءَ جي علائقي مان ميگهواڙ برادري سان تعلق رکندڙ هڪ بزرگ کي انتهائي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال ٺٽو ڪوٽ آندو ويو جتان کيس وڌيڪ علاج لاءِ ريفر ليٽر ڏئي روانو ڪيو ويو. مريض جي وارثن اسپتال ۾ موجود ايمبولينس فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪئي، پر کين مبينا طور ٻڌايو ويو تہ ايمبولينس خراب آهي ۽ هو پرائيويٽ گاڏي جو انتظام ڪن. غريب خاندان لاءِ پرائيويٽ گاڏي ڪرائي تي وٺڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو. گاڏي لاءِ پئسا گڏ ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۾ قيمتي وقت گذرندو رهيو. آخرڪار ڪنهن انساني همدردي رکندڙ شخص ريسڪيو 1122 کي اطلاع ڪري ايمبولينس جو بندوبست ڪرايو، پر امدادي گاڏي جي اچڻ ۾ بہ دير ٿي وئي. افسوسناڪ طور تي، نازڪ حالت ۾ موجود اهو بزرگ اسپتال کان ٻاهر منتقل ٿيڻ دوران رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ويو. اهڙي ئي هڪ ٻئي دل ڏاريندڙ واقعي ٺٽو ڪوٽ جي رهواسي ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي استاد آفاق احمد قائمخاني جي حياتي بہ کسي ورتي. آفاق احمد قائمخاني هڪ انتهائي شريف، خوش اخلاق ۽ هر ڪنهن سان مرڪندي ملندڙ انسان طور سڃاتو ويندو هو. اوچتو ڪيس گردن توڙ بخار جي شڪايت پيدا ٿي ۽ مقامي ڊاڪٽرن سندس نازڪ حالت کي ڏسندي ڪيس فوري طور ميرپورخاص منتقل ڪرڻ جي صلاح ڏني. مريض جي ٻاءُ سول اسپتال ٺٽو ڪوٽ پهچي ايمبولينس جي سهولت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس مبينا طور ٻڌايو ويو تہ ايمبولينس جي بيٽري موجود ناهي. پريشان وارث اسپتال انتظاميا اڳيان منٿون ڪندو رهيو پر سندس مجبوري ۽ مريض جي نازڪ حالت باوجود بروقت ايمبولينس فراهم نہ ٿي سگهي. آخرڪار ڪنهن همدرد شخص ريسڪيو 1122 سان رابطو ڪيو جنهن بعد ايمبولينس ذريعي آفاق احمد قائمخاني کي ميرپورخاص منتقل ڪيو ويو ذريعن موجب، آفاق احمد کي انتهائي تيز لڳ ڀڳ 107 ڊگري بخار هو ۽ سندس حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ سبب ميرپورخاص مان حيدرآباد منتقل ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي. پر بدقسمتي سان حيدرآباد ويندي رستي ۾ ئي سندس حالت بگڙي وئي ۽ هو زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو. سندس اوچتي لاڏاڻي جي خبر ٺٽو ڪوٽ پهچڻ شرط سڄي شهر ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي. هنهي افسوسناڪ واقعن ٺٽو ڪوٽ سول اسپتال جي صحت واري نظام، ايمرجنسي سهولتن، ايمبولينس سروس ۽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي انتظامي ڪارڪردگي بابت ڪيترائي سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن هڪ سرڪاري اسپتال ۾ ايمرجنسي جي وقت مريضن کي بروقت ايمبولينس جي سهولت بہ فراهم نہ ٿي سگهي تہ پوءِ غريب ۽ بي وس مريض آخر ڪهڙي در تي وڃن؟ ٻئي طرف، سول اسپتال ٺٽو ڪوٽ کي پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي حوالي ٿيڻ کي بہ مهينا گذري چڪا آهن، پر شهرين موجب اڃا تائين اسپتال ۾ هڪ ٻہ ڊاڪٽرن ڪانسواءِ پي پي ايڇ آءِ جو گهربل طبي ۽ انتظامي عملو مڪمل طور مقرر نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ڪري اسپتال جون بنيادي خدمتون متاثر ٿي رهيون آهن ٺٽو ڪوٽ جي شهرين، سماجي اڳواڻن ۽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن سنڌ حڪومت، صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ سول اسپتال ٺٽو ڪوٽ جي صورتحال جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، ايمبولينس کي فعال حالت ۾ رکيو وڃي، گهربل طبي ۽ پيرا ميڊيڪل عملو مقرر ڪيو وڃي ۽ ايمرجنسي سروسز کي بهتر بڻايو وڃي، جيئن مستقبل ۾ ڪنهن ٻئي غريب ۽ لاچار مريض کي بروقت علاج ۽ ايمبولينس جي سهولت نہ ملڻ سبب پنهنجي قيمتي زندگي کان محروم نہ ٿيڻو پوي.

بقايا عوامي سوچ 05

ملاقات ڪئي، جنهن دوران ضلعي جي مجموعي سياسي صورتحال، پارٽي معاملن، عوامي مسئلن ۽ موجوده سياسي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي پ پ ضلع سجاول جي اڳواڻن داؤد سومرو، صديق ميمڻ، زاهد ڪلڌو خليفي محمد بخش سومرو، ارسلان ميمڻ، عبدالشڪور لوهار ۽ ٻين اڳواڻن سميت وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن شرڪت ڪئي، جڏهن تہ عوامي پريس ڪلب دڙو سان لاڳاپيل صحافين پڻ موجود هئا. ملاقات دوران اڳواڻن پاران پارٽي جي تنظيمي معاملن، عوام سان رابطن، ضلعي سطح تي سياسي سرگرمين ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بعد ۾ صوبائي وزير فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ محمد علي ملڪاڻي عوامي پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ ڌرتي کي اسان پنهنجي ماءُ سمجهون ٿا ۽ ڪو بہ اولاد پنهنجي ماءُ کي ورهائجڻ نہ ڏيندو. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت، سلامتي ۽ حقن جي تحفظ لاءِ هميشہ اڳيري رهي آهي ۽ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر سازش جو سياسي ۽ جمهوري طريقي سان مقابلو ڪيو ويندو. محمد علي ملڪاڻي چيو تہ سنڌ جي عوام کي ورهائڻ يا سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيون وينديون. هن چيو تہ پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهن ۽ سنڌ جي وسيلن، حقن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا. صوبائي وزير چيو تہ موجوده حڪومت پاران نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ مختلف قدمن تي ڪم ڪيو پيو وڃي. هن دعويٰ ڪئي تہ سنڌ جي لکين نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن، جڏهن تہ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ نوجوان نسل کي بهتر مستقبل فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هن وڌيڪ چيو تہ حڪومت جو مقصد سنڌ جي عوام جي خدمت ڪرڻ، نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي. ملاقات جي پڄاڻي تي پ پ اڳواڻن عزم جو اظهار ڪيو تہ سنڌ جي وحدت ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جمهوري ۽ سياسي جدوجهد جاري رکندي پارٽي کي وڌيڪ منظم ۽ متحرڪ بڻايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

جي ڳوٺ ٺارو رند جي رهواسين ٺ پريس ڪلب ملي اڳيان احتجاج ڪيو احتجاج ۾ شامل سائين بخش رند، جاڙو خان رند ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي گهرن جي اوڀر طرف واقع گوچر زمين تي الهبچايو ولد علي محمد، گل بار ولد علي محمد، علي حسن ولد علي محمد، خادم حسين ولد علي محمد، نياز محمد ولد علي محمد، محبوب علي ولد ڪيسر ۽ ٻيا، ذات جا رند ويٺل ڳوٺ ٺارو رند جا رهواسي آهن، مبينا طور وڏا لوڙها ٺاهي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. ڳوٺاڻن موجب، انهن مبينا قبضن سبب سندن روايتي گس، رستا ۽ مال جي اچ وڃ جا لنگهہ بند ٿي ويا آهن، جنهن ڪري ڳوٺاڻن ۽ مالوند ماڻهن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ۽ تاريخ 24 آگسٽ 2026 ع تي صبح جو تقريباً 10 وڳي غلام رسول ولد محمد رمضان، عاشق ولد لونگ ۽ خان محمد ولد پهلوان ٻڪريون چارڻ لاءِ وڃي رهيا هئا تہ مبينا طور ڇڪايل ڌرين اوچتو موتمار حملو ڪيو جنهن دوران خان محمد ولد پهلوان ۽ ٻين کي لٺين جا ڌڪ لڳا ۽ هو زخمي ٿيا. پوءِ اسان واقعي بابت ڏانهن ڪئي پي ايس ڪينسر پهٽاسون ۾ سندن فرياد تي مناسب ڪارروائي نہ ڪئي وئي، ۽ اسان جي ڳوٺاڻن مان 11 ڄڻن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. ڳوٺ ٺارو رند جي رهواسين ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ نوٽيس وٺي گوچر زمين تي ٿيل مبينا قبضا ختم ڪرايا وڃن. وڌيل وٺن ۽ لوڙهن بابت جاچ ڪئي وڃي ۽ ڳوٺاڻن جا بند ڪيل گس، رستا ۽ مال جي اچ وڃ جا لنگهہ فوري طور کولائي عوام لاءِ بحال ڪيا وڃن. هنن اختيارين کان وڌيڪ اپيل ڪئي تہ 24 آگسٽ واري مبينا تشدد واري واقعي جي بہ شفاف جاچ ڪرائي، زخمي ماڻهن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سان قانون جي ڀيڪڙ ٿي آهي تہ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، اهڙي انڪوائري ڪندا تہ اسان جي انصاف بهتري ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 07

ي زمين جي تڪرار تان ملوڪاڻي برادري جي ٻن ڌرين جي جهيڙي ۾ ڏڪو لڳڻ سبب قتل ٿيل مسمات عيدان ملوڪاڻي واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف وارثن ملو ملوڪاڻي، محبوب ملوڪاڻي، سعود ملوڪاڻي ، ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ زرعي زمين جي تڪرار تان جوابدارن خير محمد ملوڪاڻي، مزار ملوڪاڻي، احسان ملوڪاڻي، منور ملوڪاڻي ۽ ٻين عورت عيدان ملوڪاڻي کي ڏڪو ڏئي قتل ڪيو آهي ۽ سندس مڙس محمد حسن ملوڪاڻي کي زخمي ڪيو جيڪو هن وقت اسپتال ۾ داخل آهي واقعي کي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جوابدار اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان سان ظلم ٿيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ، ايس ايس پي سانگهڙ کان گهر ڪئي تہ فوري طور ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 08

پٽ جي گمشدگي جون ڪوڙيون پوسٽون هلايون آهن هن چيو تہ منهنجو پٽ گم نہ ٿيو آهي هن چيو تہ منهنجي مڙس سان فون تي رابطو ٿيندو آهي. هن چيو تہ منهنجو مڙس ڪاشف شيخ ۽ سندس ڀاٽر راشد شيخ بلال شيخ موتمار ڌمڪيون پيا ڏين هن چيو تہ آئون پنهنجي مڙس کان طلاق وٺڻ ٿي چاهيان ان لاءِ مون عدالت کي درخواست بہ ڏني آهي هن اختيارين کان گهر ڪئي تہ مونکي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 09

جاري آهن ذريعن موجب موٽر سائيڪل ريسنگ ۾ ٺٽو مڪلي ۽ گجو شهر جا نوجوان شامل ٻڌايا پيا وڃن، جيڪي پاڻ ۾ وڏي رقم جا شرط لڳائي تيز رفتاري سان موٽر سائيڪلون ڊوڙائين ٿا. موٽر سائيڪل ريسنگ سبب قومي شاهراهہ تي سفر ڪندڙ شهرين ۽ ٻين مسافرن جي زندگين کي سخت خطرو آهي جڏهن تہ ڪنهن بہ وقت خطرناڪ حادثو پيش اچڻ جو خدشو پڻ موجود آهي شهرين موجب ڪافي دفعا پوليس کي اطلاع ڏنا آهين پر پوليس ريسنگ ڪندڙ نوجوانن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي شهرين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي موٽر سائيڪل ريسنگ تيز رفتاري ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن وڏي جاني نقصان کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 10

ہ ٺٽو پاران تاريخي شاهجهان مسجد ۾ سيرت النبي صہ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق ، اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شاڪر ڦهيم ، مختلف سرڪاري کاتن جا آفيسر ، عالم سڳورا ، معزز شهري ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هي پهريون موقعو هو . جڏهن ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر پاران تاريخي شاهجهان مسجد ۾ سيرت النبي صہ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس جي موقعي تي شاهي خانداني خطيب جامع مسجد شاهجهان، مفتي محمد شاڪر صديقي، معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ سيرت طيبہ صہ جي موضوع تي محبت، عقيدت ۽ خلوص سان پرپور فڪر انگيز خطاب ڪيو. ان موقعي تي سائين عبدالقيوم نعيمي ولولہ انگيز خطاب ڪندي سيرت رسول اڪرم صہ جي تعليمات، حضور اڪرم صہ جي مبارڪ حياتيءَ جي مختلف پاسن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي اهميت تي روشني وڌي. سائين عبدالهادي صديقي خوبصورت انداز ۾ نعت رسول مقبول صہ پيش ڪئي، جنهن سان محفل روحاني ڪيفيت سان سرشار ٿي وئي. تاجر اڳواڻ حاجي وسيم اختر ميمڻ ڪانفرنس جي نظامت جا فرض سرانجام ڏنا ۽ پروگرام کي بهترين انداز ۾ اڳتي وڌايو ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي ، ترقي ، خوشحالي ، امن ۽ استحڪام ۽ امت مسلم جي اتحاد لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ، جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن ۾ مٺائي پڻ ورهائي وئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت شرڪت ڪندڙن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن شرڪت تي ٿورا مڃيندي چيو تہ نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي سيرت مبارڪ اسان لاءِ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ رهنمائي جو بهترين ذريعو آهي. پاڻ سڳورن صہ عدل ، انصاف ، رواداري ، برداشت ، برابري ۽ انسانيت سان محبت جو درس ڏنو ، جنهن تي عمل ڪري معاشري ۾ امن ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو هن چيو تہ سيرت النبي صہ کي صرف تقريبن ۽ محفلن تائين محدود رکڻ بدران پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائڻو پوندو. اسان کي گهرجي تہ حضور اڪرم صہ جي اسوهءِ حسنہ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ڪردار کي بهتر بڻايون ۽ معاشري ۾ محبت ، احترام ، برداشت ۽ خدمت خلق جي جذبي کي فروغ ڏيون ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ تاريخي شاهجهان مسجد ۾ سيرت النبي صہ ڪانفرنس جو انعقاد هڪ بابرڪت ۽ قابل تحسين قدم آهي، جنهن سان شهرين ، خاص طور تي نوجوان نسل کي سيرت طيبہ جي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ملي ٿي. شرڪت ڪندڙن تاريخي شاهجهان مسجد ۾ سيرت النبي صہ ڪانفرنس جي انعقاد کي خوش آئند ، بابرڪت ۽ قابل تحسين قدم قرار ڏيندي چيو تہ تاريخي ۽ مذهبي اهميت واري هن مسجد ۾ اهڙين علمي ۽ ديني تقريبن جو انعقاد نئين نسل کي سيرت رسول اڪرم صہ کان روشناس ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. هنن مستقبل ۾ پڻ اهڙين بابرڪت ۽ علمي، ديني تقريبن جي انعقاد جي اميد ظاهر ڪئي. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت تاريخي شاهجهان مسجد جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي مسجد انتظاميہ مسجد کي درپيش مسئلن ۽ ضروري سهولتن بابت آگاهي ڏني، جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي مسجد جي چوڌاري صفائي ستٿرائي ۽ خوبصورتي سميت ٻين ضروري معاملن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 11

ي ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ٺٽي جي ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي کي بدلي ڪري سندس جاءِ تي ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو کي ضلع ٺٽو جو نئون سينيئر سپرنٽنڊنٽ آف پوليس مقرر ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب عديل حسين چانڊيو کي فوري طور تي ايس ايس پي ٺٽو جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ساجد امير سدوزئي کي نئين ذميواري سونپي وئي آهي. واضح رهي تہ ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو ان کان اڳ بہ ضلع ٺٽو ۾ ايس ايس پي جون ذميواريون سرانجام ڏئي چڪو آهي. سندس اڳوڻي مقرري دوران عوام سان بهتر رويو ۽ پوليسنگ بابت ڪارڪردگي کي شهرين پاران ساراهيو ويو هو. ٻئي طرف عديل حسين چانڊيو جي ٻيهر ٺٽي ۾ مقرري تي شهرين ۽ مختلف سماجي ڌرين پاران اميد ظاهر ڪئي وئي آهي تہ هو ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ اثرائتا قدم کڻندو.

بقايا عوامي سوچ 12

ڪيڊي ويئي، تفصيل موجب صفوره ڳوٺ، يونيورسٽي روڊ، گلشن عظيمہ

سوسائٽي ۾ قديم ديني ۽ روحاني درسگاهہ جامعہ دارالمصطفيٰ ڪاظميہ قادريہ اسلامڪ ايجوڪيشن سينٽر پاران ساليانو جشن عيد ميلادالنبي صہ جي سلسلي ۾ عظيم الشان ميلاد ڪانفرنس منعقد ڪرڻ بعد عاشقان رسول صہ پاران شاندار ريلي پڻ ڪڍي وئي. ڪانفرنس جي اڳواڻي ۽ خصوصي خطاب مذهبي ۽ سماجي شخصيت، روحاني اسڪالر، پير طريقت رهبري شريعت علامہ سائين سيد حيدر علي شاهہ ڪاظمي مٺياري قادري محمودي، باني ۽ سرپرست اعليٰ جامعہ دارالمصطفيٰ ڪاظميہ قادريہ اسلاميہ ڪيو. ڪانفرنس ۾ صاحبزاده سيد شاهہ عبداللطيف ڪاظمي، صاحبزاده سيد شاهہ عبدالڪريم ڪاظمي، حضرت علامہ مفتي رسول بخش قادري، مولانا بشير احمد نقشبندي سميت وڏي انگ ۾ مشائخ، سادات ڪرام ۽ علماءِ ڪرام شرڪت ڪئي، جڏهن تہ هزارين عاشقان رسول صہ ۽ مختلف سياسي ۽ سماجي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خصوصي خطاب ڪندي علامہ پير سائين سيد حيدر علي شاهہ ڪاظمي قادري محمودي چيو تہ جشن عيد ميلادالنبي صہ سڄي دنيا لاءِ امن، سلامتي، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام عام ڪرڻ جو هڪ عظيم ذريعو آهي. اسان جا پيارا نبي حضرت محمد مصطفيٰ صہ الله تعاليٰ جا آخري نبي ۽ سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻجي موڪليا ويا. هن چيو تہ نبي ڪريم صہ جا اخلاق مبارڪ عظيم هئا، جڏهن تہ الله تعاليٰ پاڻ سڳورن صہ کي قرآن مجيد عطا فرمايو جيڪو سمورن آسماني ڪتابن جو سردار آهي. الله تعاليٰ نبي ڪريم صہ جي امت کي سمورين امتن ۾ فضيلت عطا فرمائي ۽ پاڻ صہ کي بي شمار معجزا عطا ڪيا. علامہ حيدر علي شاهہ ڪاظمي چيو تہ معراج مصطفيٰ صہ، چنڊ جي شق ٿيڻ ۽ ٻين معجزن جو ظهور الله تعاليٰ جي قدرت جون عظيم نشانيون آهن. نبي ڪريم صہ جي مبارڪ ذات پوري انسانيت لاءِ مشعل راهہ آهي. هن چيو تہ هر مسلمان کي گهرجي تہ هو نبي پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي سيرتِ طيبہ تي عمل ڪري، ڇاڪاڻ تہ پاڻ صہ جي تعليمات ۽ اسوهِ حسنہ تي عمل ڪرڻ ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ نجات جو ذريعو آهي

بقايا عوامي سوچ 13

حوالي سان هڪ پروقار پروگرام منعقد ڪيو ويو. هن بابرڪت پروگرام ۾ معذور ٻارن انتهائي مذهبي عقيدت ۽ احترام سان سيرتِ طيبہ صہ جي حوالي سان ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي بارگاهہ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي سينٽر جي وائيس پرنسپال محمد سليم راهمون جي هدايتن تحت معذور ٻارن ۾ اسٽيشنري ۽ ٻيو ضروري سامان پڻ ورهايو ويو. جشن ميلادالنبي صہ جي هن پروقار پروگرام ۾ گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جي سموري اسٽاف، ٻارن جي والدين، مدرسي جي ٻارن ۽ ٻين عاشقان رسول صہ وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 14

ن پوريون نہ ٿي سگهيون آهن. اسپتال جي انتظامي حوالي سان تبديلي باوجود بنيادي صحت جون سهولتون اڃا تائين عوام لاءِ هڪ وڏو سوال بڻيل آهن علائقي جا رهواسي شڪايت ڪن ٿا تہ سرڪاري اسپتال مان کين جيڪا معياري ۽ مفت طبي سهولت ملڻ گهرجي، اها عملي طور تي ميسر نہ هجڻ سبب غريب مريضن کي خانگي اسپتالن جي طرف مهانگي علاج جو رخ ڪرڻو پوي ٿو عوام جو مطالبو آهي تہ لاڳاپيل اختيارين ٺٽو ڪوٽ سول اسپتال جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي، ڊاڪٽرن، دوائن، ضروري طبي سهولتن ۽ عملي جي موجودگي کي يقيني بڻائين، جيئن سرڪاري صحت جو هي ادارو واقعي غريب ۽ بي سهارا ماڻهن لاءِ سهارو بڻجي سگهي. شهرين ۾ چؤبول آهن تہ جيڪڏهن غريب عوام کي علاج جي بنيادي سهولت ئي نہ ملي، تہ پوءِ اسپتال جي انتظامي تبديلي جو فائدو آخرڪنهن ڪم جو آهي

بقايا عوامي سوچ 15

ن خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي، ان موقعي تي رسول بخش چنا ڏانهيندي چيو تہ سندس وڏو پٽ غلام قادر چنا نافرمان ٿي ويو آهي، جنهن کي سندس حصي جي ملڪيت ڏيڻ باوجود هو وڌيڪ ملڪيت تي مبينا قبضو ڪرڻ لاءِ ڪيس مسلسل تنگ ڪري رهيو آهي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هن چيو تہ نافرمان پٽ مان ڪيس ۽ سندس خاندان کي جان جو خطرو آهي. پيرسن واپاري موجب پٽ اڳ ئي ڪيس مختلف طريقن سان مالي نقصان پهچائي چڪو آهي، جنهن سبب هو 30 لک رپين کان وڌيڪ رقم ادا ڪري نقصان برداشت ڪري چڪو آهي. ڪيس پلاٽ بہ ڏنو پر ان باوجود ڪيس ڌمڪين ۽ مبينا زيادتين جو سلسلو جاري آهي. رسول بخش چنا وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سندس پٽ خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو خوف ۽ پريشاني کان بچي سگهي

بقايا عوامي سوچ 16

ن خلاف سراپا احتجاج بڻيل. ڳوٺ پالواهہ جي رهواسين گمانو ڀيل، کاڪو مل ڀيل، ڪيٽنراج ڀيل، ميندرو ڀيل سميت ٻين ڏانو دانڊل ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. باثر ماڻهن لالا لجيت ڀيل ۽ سندس ڀاءُ پرت ڀيل مبينا طور سندن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، کين مبينا طور روزانو موت مار ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي پريشان ڪيو پيو وڃي. / مظاهرين زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ لاءِ کين مسلسل مبينا طور تنگ، ٽارچر ۽ بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب سندن زندگي عذاب بڻجي وئي آهي. / اڳواڻن جو الزام مبينا طور چوپايو مال چاريندڙ هڪ نينگري تي حملو ڪري تشدد ۽ ذهني اذيت ڏني وئي، جڏهن تہ مختلف ڀاڳين کان ورتل سندن 50 کان وڌيڪ ٻڪريون گم ٿيڻ جو پڻ الزام آهي. متاثر ڇوڪري ميرپورخاص ۾ علاج هيٺ آهي. / اڳواڻن موجب وس وارا ادارا معاملي جو فوري نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا / اڳواڻن جو مطالبو.

بقايا عوامي سوچ 17

ٽين جا سائنسي ماڊل نمائش لاءِ پيش ملي ۾ ٿر ايجوڪيشن الائنس ۽ حبيب بينڪ فائونڊيشن جي سهڪار سان گرلز هاءِ اسڪول ملي ۾ ڇوڪرين لاءِ هڪ ڏينهن وارو سائنس سمر ڪيمپ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٿرپارڪر جي مٺي، ڏيپلو ڪلوئي، ڇاڇرو، ڏانو دانڊل، ڇيلهار، ويرهاڙ، مالنهور وينا سميت 13 هاءِ اسڪولن جي 300 کان وڌيڪ شاگردياڻين حصو ورتو ۽ مختلف سائنسي ماڊل تيار ڪري نمائش لاءِ پيش ڪيا. تقريب دوران سائنس شو پڻ منعقد ڪيو ويو جڏهن تہ جلد ئي ڇوڪرين لاءِ سائنس فيسٽيول منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. تقريب جو باقاعده افتتاح ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عمير اشرف، ٿر ايجوڪيشن الائنس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتاب شيواڻي، ڊپٽي ڊي اي او سيڪنڊري ارجن ڪمار، ايڇ بي ايل فائونڊيشن جي سينيئر مينيجر ذڪي احمد شيخ ۽ ٻين مهمانن ڪيو. ان موقعي تي ضلعي آفيسرن ۽ مهمانن مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو، جتي شاگردياڻين کين پنهنجي تيار ڪيل سائنسي ماڊلن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عمير اشرف ڳالهائيندي چيو تہ ٿرجهڙي پٺتي پيل علائقي ۾ سرڪاري اسڪولن جي ڇوڪرين کي سائنسي ماڊل تيار ڪرڻ لاءِ مواد فراهم ڪري کين ڏورانهن علائقن مان هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ٿر ايجوڪيشن الائنس ۽ ايڇ بي ايل فائونڊيشن جو ساراهہ جوڳو قدم آهي. هن چيو تہ ڇوڪريون وڏي اعتماد سان پنهنجن تيار ڪيل ماڊلن بابت ڄاڻ ڏئي رهيون آهن، جنهن سان سندن سائنسي تحقيق سان گڏ خود اعتمادي ۾ پڻ اضافو ٿيندو ۽ ٿر جي ٻارن ۾ موجود صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملندي. ٿر ايجوڪيشن الائنس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتاب شيواڻي چيو تہ ٿر جون ڇوڪريون ٻين شعبن جي تعليم سان گڏ سائنسي تعليم ۾ پڻ خاص دلچسپي رکن ٿيون. ان ڪري کين وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ 'گرلز ان اسٽيم' منصوبو شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مختلف تربيتي پروگرام ۽ فيسٽيول شامل آهن. هن چيو تہ سمر ڪيمپ ڪانپوءِ جلد ئي ڇوڪرين لاءِ سائنس فيسٽيول منعقد ڪيو ويندو، جنهن جي تياري شاگردياڻيون ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو تہ هن منصوبي تحت 13 اسڪولن جي ڇوڪرين کي مختلف موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن، جڏهن تہ شاگردياڻين سان گڏ استادن کي پڻ تربيت ڏني وئي آهي. اسان جو مشن آهي تہ ٿر جي ڇوڪري تعليم يافتہ بڻجي ۽ سائنسي ميدان ۾ پڻ اڳتي وڌي. ان موقعي تي پاڪستان سائنس ڪلب جي عبدالرؤف ۽ سندس ٽيم پاران سائنس شو پڻ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن وڏي دلچسپي ورتي تقريب ۾ شامل اسڪولن جي هيڊ ٽيچرن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا، جڏهن تہ ليڊي سائنس ٽيچرن لاءِ هڪ خاص سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو. تقريب کي ڊپٽي ڊي اي او سيڪنڊري ارجن ڪمار، ريفارم سپورٽ يونٽ جي فوڪل پرسن شام داس آچاريہ، پرت ڪمار، راجا شرما، شاهد بخش، ٽي اي اوز ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 18

ڪو ۽ نڪوٽين وارين شين جي نقصانڪار اثرن بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سول سوسائٽي، استادن، والدين ۽ ڪميونٽي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ مقررن مطالبو ڪيو تہ نسوار کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪيو وڃي، ان تي تصويري وارننگ لازمي قرار ڏني وڃي ۽ نسوار کي بہ تمباڪو مخالف قانونن جي دائري ۾ آندو وڃي. پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ذيشان دانش چيو تہ تمباڪو ۽ نڪوٽين وارين شين جو استعمال نوجوان نسل جي صحت، ذهني نشوونما، تعليمي ڪارڪردگي ۽ سماجي زندگي لاءِ سنگين خطرو آهي. نوجوانن کي هن خطرناڪ رجحان کان بچائڻ لاءِ والدين، استاد، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل ادارن کي گڏيل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. مينيجمينٽ اينڊ گورننس نيٽ ورڪ جي ڊاڪٽر ارشاد مير چيو تہ ايندڙ نسل کي تمباڪو کان پاڪ ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتا ۽ عملي قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن. ان موقعي تي محترم زاهد حسين خاصخيلي، احمد بخش چنا، ڊاڪٽر ارشاد مگسي، صائمہ ميمڻ ۽ ذيشان دانش پڻ سگريٽن ۽ تمباڪو جي استعمال جي نقصانن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو سيمينار جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن آگاهي مهم کي جاري رکڻ ۽ ضلعي حڪومت سان گڏجي تمباڪو ڪنٽرول بابت قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جو عزم ڪيو

بقايا عوامي سوچ 19

۽ وسيلن تي قبضن، جلالپور ڪئنال سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف عوامي تحريڪ طرفان ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر دلدار لغاري، ضلعي اڳواڻ نور محمد خاصخيلي، سنڌي هاري تحريڪ ضلعي صدر ڪامريڊ شگن ڪولهي، راڻو مل، ساجن ڪمار، برڪت شر، حضور لغاري، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ هني گورچاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عوامي سجاڳي مهم هلائي وئي. عوامي سجاڳي مهم ڍهون ميل، موري واڳهرجي اسٽاپ، ڪوٽ ميرس لاڏي ۽ ناصر موڙ اسٽاپ تي هلائي وئي. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌجي ورهاڱي بابت پيش ڪيل رٽ سنڌ جي عوام کي ڪنهن بہ صورت قبول ناهي، اهڙي رٽ کي فوري طور واپس ورتو وڃي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف سازشن جو سلسلو بند ڪيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جون سازشون، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا، ڪارپوريٽ فارمنگ، نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي منصوبن خلاف سنڌ جو عوام متحد ٿئي. سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري تي ڪنهن بہ قسم جو وار برداشت نہ ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي تحفظ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد جاري رهندي

بقايا عوامي سوچ 20

اسپورٽس فيڊريشن ۽ سنڌ بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي سهڪار ۽ سرپرستي هيٺ منعقد ڪيو ويو. تربيتي سيشن ۾ پاڪستان بلائنڊ اسپورٽس فيڊريشن جي صدر محمد وقاص ۽ سنڌ بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري اجيت ڪمار خاص طور شرڪت ڪئي. ان کان علاوه روٽري ڪلب آف حيدرآباد جي معزز ميمبرن ۽ ٻين مهمانن پڻ شرڪت ڪئي . روٽري ڪلب آف ڪراچي سلور سينڊز پاران روٽري ڪلب آف حيدرآباد جي ميمبرن کي هن اهم تربيتي سيشن ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏني وئي . حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي صدر عاصف علي پهتو وفاقي ۽ صوبائي اسپورٽس تنظيمن جي نمائندن، معزز مهمانن، روٽري ميمبرن، ڪوچز ۽ رانديگرن کي گرمجوشي سان ڀليڪار ڪيو. هن هڪ ڏينهن واري تربيتي سيشن ۾ حيدرآباد مان مجموعي طور نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن شرڪت ڪئي. صبح واري سيشن دوران رانديگرن کي شطرنج جي راند بابت مختلف اهم فني ۽ عملي مهارتن جي تربيت فراهم ڪئي وئي. هي تربيتي پروگرام نومبر ۾ بين الاقوامي شطرنج چيمپئن شپ جي تيارين جو حصو هو جنهن جي ميزباني پاڪستان ڪندو. هن تربيت جو مقصد نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن جي شطرنج جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ، سندن اعتماد ۾ اضافو ڪرڻ ۽ کين بين الاقوامي سطح جي مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ هو. ان موقعي تي حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي صدر عاصف علي پهتو چيو تہ راندين جو نابين ۽ بصارت کان محروم ماڻهن جي مجموعي ترقي ۾ انتهائي اهم ڪردار آهي. راندين ذريعي رانديگرن جي جسماني صحت، ذهني سڪون، خود اعتمادي، خودمختياري، سماجي شموليت ۽ صلاحيتن کي هٿي ملي ٿي. عاصف علي پهتو جيڪو پاڻ پڻ پاڪستان بلائنڊ اسپورٽس فيڊريشن جي گول بال ٽيم جو بين الاقوامي رانديگر آهي ، هن وڌيڪ چيو تہ حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن لاءِ راندين جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ ۽ کين قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي پاڪستان جي نمائندگي لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي ۽ نابين رانديگرن لاءِ راندين جون سرگرميون صرف مقابلي تائين محدود نہ آهن. پر اهي سندن ذهني ۽ جسماني صحت، اعتماد، شخصيت جي تعمير ۽ معاشري ۾ برابري جي بنياد تي شرڪت لاءِ پڻ انتهائي اهم آهن.تقريب جي منتظمين پاڪستان بلائنڊ اسپورٽس فيڊريشن، سنڌ بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن، روٽري ڪلب آف حيدرآباد، روٽري ڪلب آف ڪراچي سلور سينڊز، آر سي پي ايڇ سينٽر، ڪوچز، رضاڪارن ۽ سمورن شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو جن جي سهڪار سان هي اهم تربيتي پروگرام ڪاميابي سان منعقد ٿيو. هي تربيتي سيشن نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن کي بااختيار بڻائڻ، سندن راندين جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ کين قومي ۽ بين الاقوامي مقابلن ۾ بهتر ڪارڪردگي لاءِ تياري ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 21

ڪان پوءِ فوتي جي وارثن اسپتال انتظاميا تي مبينا طور غلط انجيڪشن لڳائڻ جو الزام هڻندي احتجاج ڪيو. ان موقعي تي فوتي جي ڀائٽي نصير مري الزام لڳايو تہ سندس مامي لال بخش مري کي علاج لاءِ اولڊ سول اسپتال آندو ويو هو جتي مبينا طور غلط انجيڪشن لڳائڻ کان پوءِ سندس حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ هو فوت ٿي ويو. وارثن اسپتال انتظاميا کان واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ٻئي پاسي، اولڊ سول اسپتال جي ڊسپينسر اعجاز ڪانڌيو واقعي بابت پنهنجو موقف پيش ڪندي وارثن جي الزامن تي وضاحت ڪئي. وڌيڪ جاچ ۽ حقيقتون سامهون اچڻ ڪان پوءِ ئي فوتگي جو اصل سبب واضح ٿي سگهندو

بقايا عوامي سوچ 22

ي معزز نوجوان سماجي شخصيت خالد پنهور جي نگراني ۽ مقامي دوڪاندارن جي سهڪار سان جرواري شاخ جي پهل صفائي مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي. انموقعي تي وڏي انگ ۾ مزدور شاخ ۾ لهي صفائي جي ڪم ۾ مصروف آهن، جڏهن تہ جرواري شاخ مان گندگي، گاهہ ۽ ٻين رڪاوٽن کي هٽائڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي. خالد پنهور چيو تہ جرواري شاخ جي صفائي سان علائقي جي ماحول ۾ بهتري ايندي ۽ پاڻي جي وهڪري ۾ موجود رڪاوٽون ختم ٿينديون. هن چيو تہ علائقي جي صفائيءَ ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهڙيون سرگرميون جاري رکڻ ضروري آهن. ۽ ان سلسلي ۾ مقامي ماڻهن ۽ دوڪاندارن جو سهڪار ساراهہ جوڳو آهي

بقايا عوامي سوچ 23

ي تي احتجاج ڪندڙ پاڪ فوج جي رٽائرڊ سپاهي گلزار علي ميمڻ پنهنجي پيرسن والد خدابخش، پٽ افتخار ۽ پاڙيوارن سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو تہ منهنجو 29 سالن جو شادي شده پٽ گلبهار گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ خانگي سيڪيورٽي گارڊ طور ڊيوٽي ڪندو آهي جيڪو گذريل ڏينهن شام جي وقت ڊيوٽي تي ويو جتان هو گم ٿي ويو جنهن کان پوءِ سندس جي موبائيل فون بند آهي ۽ موٽرسائيڪل بہ گم آهي، گم ٿي ويل پٽ کي لاڙڪاڻي شهر سميت مٽ مائٽن وٽ ڳولا جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن تہ حد جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي پوليس سميت ايس ايس پي آفيس وارن کي اهڙو اطلاع ڏنو پر هن وقت تائين پٽ جو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو جنهن ڪري سمورا گهر ڀاتي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيون. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 24

بخشو خان سولنگي ۽ برانچ حاجي جان محمد تمراڻي جي گڏيل ڪوشش سان زوهيب ڪلينڪ جي سامهون طاهري سبيل جو شاندار اسٽال لڳايو ويو جتي ايندڙ مسافرن، مريضن ۽ عام عوام کي ٿڌي سبيل پياري وئي. جڏهن تہ هن نيڪ ڪم ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع خيرپور زون جي صدر ايڊوڪيٽ محمد سليم سولنگي طاهري محمد نصير جمالي عبدالتواب تمراڻي طاهري ۽ ٻين ڪارڪنن سبيل جي اسٽال تي ماڻهن کي سبيل پياريندا رهيا ان موقعي تي جماعت اصلاح المسلمين ضلع خيرپور زون جي صدر محمد سليم طاهري چيو تہ مرشد سڄڻ سائين هميشا عوام جي خدمت ۽ ڀلائي جو درس ڏنو آهي جماعت پاران هن سخت گرمي ۾ ماڻهن لاءِ مختلف هنڌن تي سبيل جا اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن جڏهن تہ شهرين پاران جماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلباءِ جماعت جي هن ڪوشش کي ڏاڍو ساراهيو ويو

بقايا عوامي سوچ 25

ي ڊرائيور پنهنجي پٽ ۽ ڀائيٽي سان گڏجي ڀائرن جي مبينا ناجائزين خلاف هٿن ۾ پيپلز پارٽي جو جهنڊو کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ٽئڪسي ڊرائيور امداد ٻگهيو پنهنجي پٽ فياض ٻگهيو ڀائيٽي عباس ٻگهيو سان گڏجي ڏانهيندي چيو تہ اسان ابن ڏاڏن کان ڳوٺ ڪاراڻي پرسان ٻيلي ڪاتي جي ساڍا 3 جريب زمين تي پنهنجا گهر ۽ دڪان اڏي رهائش اختيار ڪري ويٺا آهيون جڏهن تہ ڪجهہ عرصو اڳ مون سميت منهنجي ڀائرن غلام ياسين، محمد عثمان، رجب علي ۽ روشن ٻگهيو جاٽايل زمين جي ورهاست ڪئي جنهن کان پوءِ مان پنهنجي حصي ۾ آيل زمين تي جڳهہ ۽ 3 دڪان ٺهرائي ڇڏيا. هن الزام لڳائيندي چيو تہ مان ٽئڪسي ڊرائيور آهيان ۽ محنت مزدوري جي پئسن مان ڳوٺ ۾ ئي ويسا زمين خريد ڪئي جنهن جا ڪاغذ بہ اسان وٽ موجود آهن پر ان جي باوجود سال 2020 ع کان وٺي خريد ڪيل زمين تي جاٽايل ڀائرن زبردستي قبضو ڪري جڳهون ۽ دڪان ٺهرائي ڇڏيا آهن. جن کي يوسي چيئرمين محمد جمن ٻگهيو جي پٺڀرائي حاصل آهي جڏهن تہ اهڙيون شڪايتون مان حد جي فتح پور ٿاڻي جي پوليس سميت برادري جي چڱن مڙسن کي ڪيون پر ان جي باوجود بااثر ڀائر مون کي زمين جي مالڪي تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ بااثر ڀائرن خلاف ڪاروائي ڪري زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

ڪرڻ خلاف علائقي واسين جو احتجاج ميرپورخاص جي علائقي رحيم نگر، گهٽي نمبر 1، اسماعيل شاهہ ڪالوني پرسان هڪ گهر جي مالڪ عمران تيلي پاران مبينا طور گهٽي جي مين روڊ تي لڳ ڀڳ ٽي فٽ اوچا بہ ٽلا تعمير ڪرائڻ خلاف علائقي واسين احتجاج ڪندي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي علائقي واسين موجب، عوامي گذرگاهہ تي ٽلن جي تعمير سبب عام شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن تہ ٻارن، بزرگن ۽ هنگامي صورتحال دوران ايمبولينس سميت ٻين گاڏين جي گذرڻ ۾ پڻ رڪاوٽ پيدا ٿي رهي آهي. هنن چيو تہ برسات جي صورت ۾ پاڻي جي نيڪال ۾ بہ مشڪلات پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. ان موقعي تي علائقي واسين محمد ايوب مهر، جمن شيخ، محمد يوسف راجپوت ۽ ٻين گڏيل بيان ۾ چيو تہ گهٽي عوامي رستو آهي ۽ ان ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ قانون جي ڀيڪڙي آهي. هنن الزام هنيو تہ انتظاميا جي خاموشي سبب معاملو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ تڪراري بڻجي رهيو آهي. مظاهرين ڪمشنر ميرپورخاص، ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص، ميئر عبدالرؤف غوري، ٽائون انتظاميا ۽ يوسي چيئرمين عبدالرزاق هاشماڻي کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو تہ ڪنهن بہ وڏي تڪرار يا تصادم کان اڳ معاملو حل ڪيو وڃي ۽ گهٽي مان مبينا غيرقانوني تعميرون فوري طور هٽايون وڃن. علائقي واسين خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن مسئلو ترت حل نہ ڪيو ويو تہ هو لاڳاپيل آفيسرن جي آفيسن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

بقايا عوامي سوچ 27

ف خدا جي بستي کان هڪ وڏو احتجاجي مارچ ڪيڏي بستي روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ۾ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي شهيد جي ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاجي مارچ جي اڳواڻي مقصود جهتيال، اعجاز سومرو، رئيس سلام لاشاري، خالد لاشاري، شهيد جي معزور پٽ خادم ساند، ديدار شاهہ، قاري وزير مجاهدي، لونگ ملاح ۽ جبار ڪابور ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پليڪارڊ ۽ بينر کڻي شهيد شبير ساند جي قاتل جي گرفتاري، انصاف ۽ پوليس جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ نعريبازي ڪئي. ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ شبير ساند رڳو هڪ فرد نہ، پر علم، شعور، حق ۽ مزاحمت جي جدوجهد جو نالو هو. هن پنهنجي سڄي زندگي مظلوم ماڻهن جي حقن، سماجي انصاف ۽ عوامي آواز لاءِ وقف ڪئي. سندس قتل ڪنهن هڪ خاندان جو نقصان نہ، پر شعور ۽ امن تي حملو آهي. اڳواڻن سخت افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ شهيد شبير ساند جي قتل کي وقت گذرڻ باوجود جوابدار جي گرفتاري نہ ٿيڻ پوليس جي سستي ۽ ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي. جيڪڏهن قاتل گرفتار نہ ٿيندو تہ وارثن ۽ ساٿين ۾ بي چيني وڌي رهي آهي مظاهرين چيو تہ شهيد شبير ساند جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار سعيد شر کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪيس جي جاچ شفاف نموني اڳتي وڌائي وڃي. ڌرڻي دوران شهيد جي جدوجهد ۽ فڪر کي ڀيٽا پيش ڪندي اڳواڻن چيو تہ شبير ساند جو آواز خاموش ڪرڻ سان سندس سوچ ختم نٿي ڪري سگهجي؛ انصاف لاءِ جدوجهد جاري رهندي. هو قومي عوامي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻ هو شهيد شبير ساند جا وارث قاتل جي گرفتاري لاءِ بيچيني ۽ انتظار جي ڪيفيت ۾ آهن مظاهرين مطالبو ڪيو تہ پوليس روايتي سستي ڇڏي عملي قدم کڻي ۽ شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

ي ملڪ يونس جمال، باني ۽ جنرل سيڪريٽري ۽ سينيئر صحافي عمران سعيد، زمان جميل، فريد محمد شيخ، رمشا عمران، فرحين، ليبر ڪوآرڊينيٽر نوشاد علي آرائين سميت تنظيم جي ٻين عهديدارن ۽ وڏي انگ ۾ گلاس بينگل فيڪٽرين جي مزدورن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ آل گلاس بينگل فيڪٽري جي مزدورن نوشاد علي آرائين جي قيادت ۾ آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين حاجي ملڪ يونس جمال، باني ۽ جنرل سيڪريٽري عمران سعيد ۽ ٻين عهديدارن جو ڀرپور ۽ گرمجوشي سان استقبال ڪيو ان موقعي تي مزدورن معزز مهمانن تي گلن جون پنکڙيون نڇاور ڪيون، جڏهن تہ نوشاد علي آرائين ۽ ٻين مزدورن پاران گلن جا هار پارايا ويا سنڌ جي روايتي ثقافت طور اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين حاجي ملڪ يونس جمال چيو تہ چوڙين جي صنعت کي بچائڻ لاءِ مزدور ڏينهن رات محنت ۽ جدوجهد ڪندي پنهنجو رت ۽ پگهر هڪ ڪري رهيا آهن. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ جن فيڪٽري مالڪن کي هن صنعت ۽ مزدورن جي حفاظت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، اهي مزدورن کي بچائڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم نٿا کڻن هن چيو تہ چوڙين جي صنعت حيدرآباد جي قديم ۽ اهم صنعتن مان هڪ آهي ۽ ان سان هزارين خاندانن جو روزگار وابستہ آهي جيڪڏهن هن صنعت کي درپيش مسئلا فوري طور حل نہ ڪيا ويا تہ هزارين مزدور بيروزگاري جو شڪار ٿي سگهن ٿا هن چيو تہ حاجي سليم ۽ طفيل جي لاپرواهي سبب چوڙين جي صنعت آهستي آهستي تباهي جو شڪار ٿيندي پئي وڃي، تنهن ڪري ذميوار ماڻهن کي فوري طور پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪندي صنعت ۽ مزدورن کي بچائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي باني ۽ جنرل سيڪريٽري ۽ سينيئر صحافي عمران سعيد پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ چوڙين جي صنعت سان لاڳاپيل مزدور انتهائي محنتي ۽ محب وطن آهن، پر افسوس تہ انهن کي بنيادي حقن، مناسب اجرت ۽ محفوظ ڪم واري ماحول سميت ٻين ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو تہ ليبر ڊپارٽمينٽ جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪمال خواجہ فيڪٽري مالڪن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر نظر اچي ٿو جنهن سبب مزدورن جا مسئلا وڌي رهيا آهن عمران سعيد چيو تہ لاڳاپيل اختيارين کي فيڪٽرين ۾ مزدور قانونن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ گهرجي ۽ ڪنهن بہ ڌر جي دٻاءُ يا خوف کان سواءِ مزدورن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي هن چيو تہ آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن مزدورن جي حقن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي ۽ ڪنهن بہ مزدور سان ٿيندڙ زيادتي تي خاموش نہ رهندي مزدورا چيو تہ مزدورن جي حقن واري معاملي تي ڪجهہ عنصر فيڪٽري مالڪن کي غلط مشورا ڏئي رهيا آهن، جنهن سان نہ رڳو مزدورن ۽ مالڪن وچ ۾ فاصلا وڌي رهيا آهن پر چوڙين جي صنعت کي بہ سخت نقصان پهچي رهيو آهي هن چيو تہ صنعت کي بچائڻ لاءِ مالڪن ۽ مزدورن وچ ۾ اعتماد، باهمي مشاورت ۽ سهڪار جي فضا قائم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن مطالبو ڪيو تہ فيڪٽري مالڪ مزدورن کي پنهنجو ساٿي سمجهندي سندن جائز حق ادا ڪن، ڇاڪاڻ تہ مزدورن جي خوشحالي ئي صنعت جي ترقي ۽ بقا جي ضمانت آهي هن چيو تہ آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن چوڙين جي صنعت جي تحفظ، مزدورن جي حقن ۽ روزگار جي استحڪام لاءِ پنهنجي جدوجهد وڌيڪ تيز ڪندي ڪانفرنس جي پڄاڻي تي نوشاد علي آرائين مرڪزي چيئرمين حاجي ملڪ يونس جمال، باني ۽ جنرل سيڪريٽري عمران سعيد، ٻين عهديدارن ۽ گلاس بينگل فيڪٽرين جي سمورن مزدورن جو ڀرپور شرڪت ۽ گرمجوش استقبال تي ٿورو ادا ڪيو هن چيو تہ مزدورن جي اتحاد ۽ گڏيل جدوجهد سان ئي چوڙين جي صنعت کي تباهي کان بچائي سگهجي ٿو ۽ آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن هر محنت ڪش جي حقن جي تحفظ لاءِ عملي ميدان ۾ موجود رهندي

بقايا عوامي سوچ 29

ٿي واري ٽنڊي ڪي مان ڪيترائي ڏينهن پراڻو نامعلوم لاش هٿ ريسڪيو اهلڪارن سميت پوليس ٽيمون واقعي واري هنڌ پهتل آهن

بقايا عوامي سوچ 30

گو ڦلو تيز رفتاري سبب ميرواهہ ڪئنال ۾ ڪري پيو ڪارگو ۾ سوار ڳوٺ مراد خان گوپانگ چار ٻارڙا ڪئنال ۾ ٻڏي ويا حادثي جو ٻڌي علائقي جا سوين ماڻهو حادثي واري جاءِ تي پهتا آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويلن جي لاشن جي ڳولا ريسڪيو جي مدد سان جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 31

ماسترن کي سختي سان هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن تہ هو پنهنجي پنهنجي اسڪولن ۾ فائر سيفٽي ڪٽون ۽ حفاظتي انتظام جلد کان جلد مڪمل ڪن جاري ڪيل هدايتن ۾ چيو ويو آهي تہ شاگردن، استادن ۽ عملي جي حفاظت کي نظر ۾ رکندي اسڪولن اندر فائر سيفٽي اوزارن جي موجودگي يقيني بڻائي وڃي، جيئن ڪنهن بہ هنگامي صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پاران تعلقہ ايجوڪيشن آفيسرن کي پابند ڪيو ويو آهي تہ هو سمورن اسڪولن جو جائزو وٺي رپورٽون پڻ پيش ڪن، جڏهن تہ هدايتن تي عمل نہ ڪندڙ اسڪول انتظاميہ خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ڪنهن وقت بہ سيني تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر اسڪولن جو جائزو وٺندا اگر اسڪولن اندر فائر سيفٽي ڪٽون لڳل نہ هونديون تہ ڊائريڪٽ ڪراچي رپورٽ ڪئي ويندي، تعليم کاتي جي ان قدم جو مقصد اسڪولن ۾ حفاظتي معيار بهتر بڻائڻ ۽ شاگردن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 32

ڪري سخت زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ علائقي واسين انساني همدردي جو مظاهرو ڪندي پنهنجي مدد پاڻ تحت زخمي مزدور کي فوري طور ڊي ايڇ ڪيو اسپتال سانگهڙ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد فراهم ڪئي وئي، پر مزدور زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو فوتي مزدور جي سڃاڻپ ڪامران يوسفزئي طور ڪئي وئي آهي. افسوسناڪ واقعي جي خبر پکڙجڻ شرط علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي. ٻئي طرف، ٽن ماڙ عمارت تي مزدور جي حفاظتي انتظامن ڪانسواءِ ڪم ڪرڻ واري صورتحال پڻ سواليا نشان بڻجي وئي آهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ تعميراتي هنڌن تي مزدورن جي حفاظت لاءِ مقرر حفاظتي معيارن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي، جيئن اهڙا المناڪ حادثا ٻيهر پيش نہ اچن

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

شاندار ڪارڪردگي تي ايس ايڇ او مير محمد کيريو ۽ پوليس ڪانسٽيبل عمران پنهور CC_III ايوارڊ سان نوازيا ويا

ايوارڊ تقريب دوران ٻنهي پوليس اهلڪارن جي محنت، ايمانداري، بهادري ۽ پنهنجي فرض سان سچي وابستگي کي ساراهيو ويو

پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بهترين ڪارڪردگي ۽ ذميواري سان فرضن جي ادائيگي امن امان جي بحالي ۽ عوام جي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي

هي اعزاز سندن مسلسل محنت، ايمانداري ۽ فرض سان وفاداري جو روشن ثبوت آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)شاندار ڪارڪردگي تي ايس ايڇ او مير محمد کيريو ۽ پوليس ڪانسٽيبل عمران پنهور CC_III ايوارڊ سان نوازيا ويا ميرپورخاص: پوليس کاتي ۾ شاندار ڪارڪردگي، فرض شناسي ۽ عوامي خدمت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

علي نواز راجپوت قتل ڪيس ۾ نامزد لالا رانگهڙ جي ڪنفرم ضمانت منظور

ميراهه گورچاڻي جي حدن ۾ ڪجهه مهينا اڳ پيش آيل علي نواز راجپوت قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار لالا رانگهڙ جي ڪنفرم ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت ڪيس جي رڪارڊ ۽ ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ ۽ جائزو وٺڻ بعد لالا رانگهڙ جي ضمانت واري درخواست منظور ڪئي

علي نواز راجپوت جي قتل جو ڪيس ڪجهه مهينا اڳ ٽاٽي ميراهه گورچاڻي تي داخل ڪيو ويو هو، جنهن ۾ لالا رانگهڙ کي نامزد ڪيو ويو هو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)علي نواز راجپوت قتل ڪيس ۾ نامزد لالا رانگهڙ جي ڪنفرم ضمانت منظور ميرپورخاص جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن ڪورٽ، ٽاٽي ميراهه گورچاڻي جي حدن ۾ ڪجهه مهينا اڳ پيش آيل علي نواز راج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

بيروزگاري خلاف نوجوانن جو ڊي سي آفيس اڳيان احتجاج، مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جو مطالبو

مختلف سرڪاري، غير سرڪاري ادارن ۽ ونڊ پاور منصوبن ۾ مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي

جنهن سبب نوجوانن ۾ مايوسي ۽ بيچيني وڌي رهي آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) بيروزگاري خلاف نوجوانن جو ڊي سي آفيس اڳيان احتجاج، مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جو مطالبو ٺٽي ضلعي ۾ وڌندڙ بيروزگاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سول اسپتال ٺٽون ڪوٽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي حوالي ٿيڻ کي ٻه مهينا گذري وڃڻ باوجود ڪا نمايان بهتري نظر نه آئي

ايمرجنسي مريضن لاءِ ايمبولينس جي سهولت نه ملڻ جا واقعا هاڻي سنگين انساني الميي جو روپ اختيار ڪري رهيا آهن

گذريل رات ڀرڙيءَ جي علائقي مان ميگهواڙ برادري سان تعلق رکندڙ هڪ بزرگ کي انتهائي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال ٺٽون ڪوٽ آندو ويو

جتان کيس وڌيڪ علاج لاءِ ريفر ليٽر ڏئي روانو ڪيو ويو، مريض جي وارثن اسپتال ۾ موجود ايمبولينس فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪئي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) سول اسپتال ٺٽون ڪوٽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي حوالي ٿيڻ کي ٻه مهينا گذري وڃڻ باوجود اسپتال جي انتظامي ۽ طبي صورتحال ۾ ڪا نمايان بهتري نظر نه اچڻ تي شهرين ۽ علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي

ضلعي جي مجموعي سياسي صورتحال، پارٽي معاملن، عوامي مسئلن ۽ موجوده سياسي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

دائود سومرو، صديق ميمڻ، زاهد ڪڙو، خليفي محمد بخش سومرو، ارسلان ميمڻ، عبدالشڪور لوهار ۽ ٻين اڳواڻن سميت وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن شرڪت

سنڌ جي وحدت ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جمهوري ۽ سياسي جدوجهد جاري رکندي پارٽي کي وڌيڪ منظم ۽ متحرڪ بڻايو ويندو

دڙو (رپورٽر)دڙو: صوبائي وزير فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي (پ پ پ) ضلع سجاول جي صدر محمد علي ملڪاڻي دڙي پهچي ارباب هائوس تي پ پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي ۽ اڳوڻي ضلعي صدر ارباب وزير ميمڻ سان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

چاچڙو جي ڳوٺ نارو رند جي رهواسين ٿر پريس ڪلب مٺي اڳيان احتجاج

محبوب علي ولد ڪيسر ۽ ٻيا، ذات جا رند وينل ڳوٺ نارو رند جا رهواسي آهن، مبينا طور وڏا لوڙها ناهي قبضو ڪري ڇڏيو آهي

انهن مبينا قبضن سبب سندن روايتي گس، رستا ۽ مال جي اچ وڃ جا لنگهه بند ٿي ويا آهن

جنهن ڪري ڳوٺاڻن ۽ مالوند ماڻهن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) تعلقو چاچڙو جي ڳوٺ نارو رند جي رهواسين جو گوچر زمين تان مبينا قبضا ختم ڪرائڻ ۽ بند ڪيل گسن، رستا ۽ مال جا لنگهه کولائڻ لاءِ ڊي سي ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو. تفصيل موجب تعلقو چاچڙو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

5 ڏينهن اڳ زرعي زمين جي تڪرار تان قتل ٿيل عورت جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج انصاف جي گهر

جوابدارن خير محمد ملوڪاڻي، مزار ملوڪاڻي، احسان ملوڪاڻي، منور ملوڪاڻي ۽ ٻين عورت عيدان ملوڪاڻي کي ڪهاڙين ڏئي قتل ڪيو آهي

سندس مڙس محمد حسن ملوڪاڻي کي زخمي ڪيو جيڪو هن وقت اسپتال ۾ داخل آهي

واقعي کي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جوابدار اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ملوڪ ملوڪاڻي ۾ 5 ڏينهن اڳ زرعي زمين جي تڪرار تان قتل ٿيل عورت جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج انصاف جي گهر موجب ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ملوڪ ملوڪاڻي ۾ زرع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ٽنڊوآدم شهر جي سونارا پاڙي جي رهندڙ عورت مسمات شمائلا زال ڪاشف شيخ صحافين اڳيان احتجاج

منهنجي مڙس ڪاشف شيخ مون تي سخت تشدد ڪندو هو سندس ظلمن کان پوءِ هن مونکي گهران ڪڍي ڇڏيو منهنجو پٽ مونسان گڏ آهي

تازو ڪاشف شيخ سوشل ميڊيا تي منهنجي پٽ جي گمشدگي جون ڪوڙيون پوسٽون هلايون آهن

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم شهر جي سونارا پاڙي جي رهندڙ عورت مسمات شمائلا زال ڪاشف شيخ صحافين اڳيان پنهنجي مڙس ۽ ڏارن خلاف احتجاج ڪيو هن ڏانهيو ته منهنجي مڙس ڪاشف شيخ مون تي سخت تشدد ڪندو هو سندس ظلمن کان پوءِ هن مونکي گهران ڪڍي ڇڏيو منهنجو پٽ مونسان گڏ آهي تازو ڪاشف شيخ سوشل ميڊيا تي منهنجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڳجو شهر کان مڪلي بائي پاس تائين اڄ ڀيهر موٽر سائيڪل ريسنگ جاري

وڏي ڪيش رقم شرط تي لڳائڻ جا پڻ اطلاع آهين

ڳجو شهر کان مڪلي بائي پاس تائين اڄ ڀيهر موٽر سائيڪلن جي خطرناڪ ريسنگ جاري

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڳجو شهر کان مڪلي بائي پاس تائين اڄ ڀيهر موٽر سائيڪل ريسنگ جاري وڏي ڪيش رقم شرط تي لڳائڻ جا پڻ اطلاع آهين ڳجو شهر کان مڪلي بائي پاس تائين اڄ ڀيهر موٽر سائيڪلن جي خطرناڪ ريسنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سنڌ ورهائڻ جي سازش، 28هين آئيني ترميم خلاف ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي تحريڪ جي سجاڳي مهم

سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ هني گورچاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عوامي سجاڳي مهم هلائي وئي

عوامي سجاڳي مهم ڏهون ميل، موري واگهريجي اسٽاپ، ڪوٽ ميرس لانڊي ۽ ناصر موڙ اسٽاپ تي هلائي وئي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ) ڪوٽ غلام محمد سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش، 28هين آئيني ترميم، ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌ جي زمينن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

تمباڪو ۽ نڪوٽين جي خلاف آگاهي سيمينار، سول سوسائٽي جي ڀرپور شرڪت

نسوار کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ۽ تصويري وارننگ لازمي قرار ڏيڻ جو مطالبو

ضلعي حڪومت سان گڏجي تمباڪو ڪنٽرول بابت قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جو عزم ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) مينجمينٽ اينڊ گورننس نيٽ ورڪ ۽ ڪوليشن فار ٽوبيڪو ڪنٽرول پاڪستان (CTC_Pak)جي سهڪار سان تمبا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٽرايجوڪيشن الائنس ۽ حبيب بينڪ فائونڊيشن پاران ڇوڪرين لاءِ سمر ڪيمپ

300 کان وڌيڪ شاگردياڻين جا سائنسي ماڊل نمائش لاءِ پيش

راجا شرما، شاهد بخش، ٽي اي اوز ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٽرايجوڪيشن الائنس ۽ حبيب بينڪ فائونڊيشن پاران ڇوڪرين لاءِ سمر ڪيمپ، 300 کان وڌيڪ شاگردي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

رکندڙ ماڻهن جو بااثر ماڻهن جي مبينا ناانصافين ۽ زيادتين خلاف سراپا احتجاج بڻيل

ميندرو ڀيل سميت ٻين ڏانو ڏانڊل ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)ننگرپارڪر پرسان ڳوٺ پالواهه جي ڀيل برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو بااثر ماڻهن جي مبينا ناانصافين ۽ زيادتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ملڪيت ڏيڻ باوجود پٽ جان جو ويري بڻجي ويو، پيرسن واپاري جو احتجاج، تحفظ جي اپيل

کيس پلاٽ به ڏنو پران باوجود کيس ڌمڪين ۽ مبينا زيادتين جو سلسلو جاري آهي

سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو خوف ۽ پريشاني کان بچي سگهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي مگٺهار محلي جي رهواسي پيرسن دڪاندار رسول بخش چنا پنهنجي نافرمان پٽ جي مبينا زيادتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٺٽون ڪوٽ سول اسپتال پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ٿيڻ باوجود، غريبن لاءِ سهولت بي لاڀ ثابت

شهرين ۾ چؤٻول آهن ته جيڪڏهن غريب عوام کي علاج جي بنيادي سهولت ئي نه ملي

ته پوءِ اسپتال جي انتظامي تبديلي جو فائدو آخر ڪنهن ڪم جو آهي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير)ٺٽون ڪوٽ سول اسپتال پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ٿيڻ کانپوءِ به علائقي جي غريب ۽ مسڪين عوام جون اميدو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ريهيبليٽيشن سينٽر مٺي ۾ عيد ميلادالنبي صه جي بابرڪت ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ پروقار پروگرام منعقد

ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صه جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا

مدرسي جي ٻارن ۽ ٻين عاشقانِ رسول صه وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر مٺي ۾ عيد ميلادالنبي صه جي بابرڪت ڏهاڙي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

جامعه دارالمصطفيٰ ڪاظميه قادريه ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ عظيم الشان ڪانفرنس منعقد

عظيم الشان ميلاد ڪانفرنس منعقد ڪرڻ بعد عاشقانِ رسول صه پاران شاندار ريلي پڻ ڪڍي وئي

چاڪاڻ ته پاڪ صه جي تعليمات ۽ اسوهِ حسنه تي عمل ڪرڻ ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ نجات جو ذريعو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جامعه دارالمصطفيٰ ڪاظميه قادريه ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ عظيم الشان ڪانفرنس منعقد ڪري ريلي پڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

عديل حسين چانڊيو ٺٽي جو نئون ايس ايس پي مقرر، ساجد امير سدوزئي بدلي

ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو کي ضلع ٺٽو جو نئون سينيئر سپرنٽنڊنٽ آف پوليس مقرر ڪيو ويو

عديل حسين چانڊيو کي فوري طور تي ايس ايس پي ٺٽو جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)عديل حسين چانڊيو ٺٽي جو نئون ايس ايس پي مقرر، ساجد امير سدوزئي بدلي سنڌ حڪومت جي پوليس کاتي پاران جار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

شاهجهان مسجد ۾ پهريون ڀيرو ضلعي انتظاميا جي اهتمام هيٺ سيرت النبي صه ڪانفرنس جو انعقاد

معزز شهري ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سيرت طيبه صه جي موضوع تي محبت، عقيدت ۽ خلوص سان ڀرپور فڪر انگيز خطاب ڪيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)تاريخي شاهجهان مسجد ۾ پهريون ڀيرو ضلعي انتظاميا جي اهتمام هيٺ سيرت النبي صه ڪانفرنس جو انعقاد ضلعي انتظام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن پاران نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن لاءِ هڪ ڏينهن واري شطرنج تربيت جو اهتمام

هي تربيتي سيشن پاڪستان بلائنڊ اسپورٽس فيڊريشن ۽ سنڌ بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي سهڪار ۽ سرپرستي هيٺ منعقد ڪيو ويو

محمد وقاص ۽ سنڌ بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري اجيت ڪمار خاص طور شرڪت ڪئي

ان کان علاوه روٽري ڪلب آف حيدرآباد جي معزز ميمبرن ۽ ٻين مهمانن پڻ شرڪت ڪئي

سيوهڻ (رپورٽر) حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن پاران آر سي پي ايڇ سينٽر حيدرآباد ۾ نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن لاءِ هڪ ڏينهن واري شطرنج تربيت جو اهتمام ڪيو ويو. هي تربيتي سيشن پاڪستان بلائنڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

HBSA
HYDERABAD BLIND SPORTS ASSOCIATION
PRESIDENT HYDERABAD BLIND SPORTS ASSOCIATION
APPRECIATION SHIELD
Braille CHESS
depd

سيوهڻ: حيدرآباد بلائنڊ اسپورٽس ايسوسيئيشن پاران نابين ۽ بصارت کان محروم رانديگرن لاءِ هڪ ڏينهن واري شطرنج تربيت جو اهتمام ڪيو ويو آهي

اولڊ سول اسپتال ۾ مريض فوت، وارثن جو مبينا غلط انجيڪشن لڳائڻ خلاف احتجاج

ميرپورخاص جي اسڪيم نمبر 2 جي رهواسي لال بخش مري اولڊ سول اسپتال ميرپورخاص ۾ فوت ٿي ويو

جنهن کان پوءِ فوتي جي وارثن اسپتال انتظاميا تي مبينا طور غلط انجيڪشن لڳائڻ جو الزام هڻندي احتجاج ڪيو

ان موقعي تي فوتي جي پاڙيجي نصير مري الزام لڳايو ته سندس مامي لال بخش مري کي علاج لاءِ اولڊ سول اسپتال آندو ويو هو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)اولڊ سول اسپتال ۾ مريض فوت، وارثن جو مبينا غلط انجيڪشن لڳائڻ خلاف احتجاج ميرپورخاص جي اسڪيم نمبر 2 جي رهواسي لال بخش مري اولڊ سول اسپتال ميرپورخاص ۾ فوت ٿي ويو، جنهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب21

جرواري چوڪ پرسان جرواري شاخ جي صفائي مهم شروع

مقامي دوڪاندارن جي سهڪار سان جرواري شاخ جي پل صفائي مهم جو آغاز ڪيو ويو

انموقعي تي وڏي انگ ۾ مزدور شاخ ۾ لهي صفائي جي ڪم ۾ مصروف آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)جرواري چوڪ پرسان جرواري شاخ جي صفائي مهم شروع ميرپورخاص: جرواري چوڪ پرسان علائقي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب22

لاڙڪاڻي جي رهواسي پاڪ فوج جي رٽائرڊ سپاهي پنهنجي گهرياتين ۽ پاڙيوارن سان گڏجي احتجاج

منهنجو 29 سالن جو شادي شده پٽ گلبهار گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ خانگي سيڪيورٽي گارڊ طور ڊيوٽي ڪندو آهي

جيڪو گذريل ڏينهن شام جي وقت ڊيوٽي تي ويو جتان هو گهر تي ويو جنهن کان پوءِ سندس جي موبائيل فون بند آهي ۽ موٽرسائيڪل به گم آهي

گم ٿي ويل پٽ کي لاڙڪاڻي شهر سميت مٽ مائٽن وٽ ڳولا جي ڪوشش ڪئي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي شهر جي ڀهارپور پاڙي جي رهواسي پاڪ فوج جي رٽائرڊ سپاهي پنهنجي گهرياتين ۽ پاڙيوارن سان گڏجي مبينا گم ٿي ويل نوجوان پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

ڄماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلبا جماعت پاران زوهيب ڪلينڪ ڪنب سامهون طاهري سبيل جو اسٽال لڳايو ويو

برانچ حاجي جان محمد تمراڻي جي گڏيل ڪوشش سان زوهيب ڪلينڪ جي سامهون طاهري سبيل جو شاندار اسٽال لڳايو ويو

محمد نصير جمالي عبدالتواب تمراڻي طاهري ۽ ٻين ڪارڪنن سبيل جي اسٽال تي ماڻهن کي سبيل پياريندا رهيا

جماعت پاران هن سخت گرمي ۾ ماڻهن لاءِ مختلف هنڌن تي سبيل جا اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر) :جماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلبا جماعت پاران زوهيب ڪلينڪ ڪنب سامهون طاهري سبيل جو اسٽال لڳايو ويو رپورٽ موجب جماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلبا جماعت جي برانچ حاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ڪاراٽي واسي ٽئڪسي ڊرائيور پنهنجي پٽ ۽ ڀائيٽي سان گڏجي احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ڪاراٽي واسي ٽئڪس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

رحيم نگر جي گهٽي نمبر 1 ۾ مبينا غيرقانوني دڪ تعمير ڪرڻ خلاف علائقي واسين جو احتجاج

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)رحيم نگر جي گهٽي نمبر 1 ۾ مبينا غيرقانوني دڪ تعمير /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ شهيد شبير ساند جي قاتل جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو

ڌرڻي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن توڙي شهيد جي ساٿين شرڪت ڪئي

قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار سعيد شر کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: مطالبو

پوليس روايتي سستي ڇڏي عملي قدم کڻي ۽ شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستي ٽائي جي حد ۾ قومي عوامي تحريڪ ڄامشورو جي سرگرم اڳواڻ قتل ٿيل شهيد شبير ساند جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار سعيد شر جي گرفتاري نه ٿيڻ ۽ پوليس جي روايتي سستي خلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڇوڙين جي صنعت کي بچائڻ لاءِ مزدور رت ۽ پگهر هڪ ڪري رهيا a: ملڪ يونس جمال

مزدورن جي حقن بابت مالڪن کي غلط مشورا ڏيندڙ صنعت کي نقصان پهچائي رهيا آهن: نوشاد علي آرائين

ليبر ڊپارٽمينٽ جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪمال خواجه فيڪٽري مالڪن کان خوفزده آهي، ان ڪري ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر آهي: عمران سعيد

آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن هر محنت ڪش جي حقن جي تحفظ لاءِ عملي ميدان ۾ موجود رهندي

حيدرآباد (رپورٽر) آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ آل گلاس بينگل فيڪٽري ڪانفرنس لطيف آباد يونٽ نمبر 12 جي هڪ مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين حاج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

حيدرآباد: آواز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ آل گلاس بينگل فيڪٽري ڪانفرنس لطيف آباد يونٽ نمبر 12 جي هڪ مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي

فاٽڪ وٽ برف جي ڪارخاني جي پاڻي واري ٽانڪي مان ڪيترائي ڏينهن پراڻو نامعلوم لاش هٿ

ڄامشورو(رپورٽر)ڪوٽڙي سائيٽ ٿي بي پوليس پوسٽ جي حد فاٽڪ وٽ برف جي ڪارخاني جي پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڪوٽڏيجي لڳ ڪارگو ڦٽو واهه ۾ ڪري پيو، 4 ٻارڙا ٻڏي ويا

جهندو مشائخ (رپورٽر) ڪوٽڏيجي ڪوٽ بنگلو کان ميرواهه طرف ويندڙ رستي سان ڪار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڄامشورو پوري ضلع ۾ اسڪولن ۾ فائر سيفٽي انتظامن لاءِ ڊسٽرڪٽ پرائمري ايجوڪيشن آفيسر ڄامشورو جون سخت هدايتون جاري

شاگردن، استادن ۽ عملي جي حفاظت کي نظر ۾ رکندي اسڪولن اندر فائر سيفٽي اوزارن جي موجودگي يقيني بڻائي وڃي

جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پاران تعلقه ايجوڪيشن آفيسرن کي پابند ڪيو ويو

سيوهڻ (رپورٽر)ڄامشورو پوري ضلع ۾ اسڪولن ۾ فائر سيفٽي انتظامن لاءِ ڊسٽرڪٽ پرائمري ايجوڪيشن آفيسر ڄامشورو جون سخت هدايتون جاري سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ جي حڪمن ڪانپوءِ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ڄامشورو پانڌي خان ٽالپر ضلعي ڄامشورو جي سمورن تعلقه ايجوڪيشن آفيسرن ۽ پرائمري اسڪولن جي هيڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

سانگهڙ: ٽي ماڙ زيرِ تعمير عمارت تان ڪري مزدور فوت، علائقي ۾ سوڳ

ٽن ماڙ زيرِ تعمير عمارت تي شيٽرنگ جو ڪم ڪندڙ مزدور اوچتو پير ترڪڻ سبب هيٺ ڪري سخت زخمي ٿي پيو

ڊاڪٽرن پاران طبي امداد فراهم ڪئي وئي، پر مزدور زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ: ٽي ماڙ زيرِ تعمير عمارت تان ڪري مزدور فوت، علائقي ۾ سوڳ سانگهڙ: مٺي ڪوٺي واري علائقي ۾ افسوسناڪ حادثي ۾ ٽن ماڙ زيرِ تعمير عمارت تي شيٽرنگ جو ڪم ڪندڙ مزدور اوچتو پير ترڪڻ سبب هيٺ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32